# مرقس

## مرقس جي معرفت خوشخبري

### تعارف

مرقس عيسيٰ مسيح جي پوئلڳن مان هڪ هو، جنهن جي معرفت مليل خوشخبريءَ جي هن مقدس ڪتاب ۾ عيسيٰ مسيح کي بااختيار ۽ عملي انسان جي روپ ۾ ڏيکاريو ويو آهي. سندس تعليم، پوتن مٿان سندس قدرت ۽ گناهن جي معافي ڏيڻ مان سندس اختيار ظاهر ٿئي ٿو. عيسيٰ مسيح پاڻ کي ”ابنآدم“ چوي ٿو، جيڪو انهيءَ لاءِ آيو ته ماڻهن کي سندن گناهن کان ڇوٽڪارو ڏئي.

مرقس عيسيٰ مسيح جو احوال سڌيءَ طرح ۽ اثرائتي نموني ۾ پيش ڪري ٿو. هو عيسيٰ مسيح جي لفظن ۽ تعليم جي بنسبت سندس ڪمن کي نهايت زور ڏيندي بيان ڪري ٿو. هن ڪتاب جي شروعات ۾ ٽن ڳالهين کي بيان ڪيو ويو آهي: يحيٰ بپتسما ڏيڻ واري جو ذڪر، عيسيٰ مسيح جو بپتسما وٺڻ ۽ آزمائش. عيسيٰ مسيح جي آزمائش کان هڪدم پوءِ شفا ڏيڻ ۽ تعليم ڏيڻ واري سندس خدمت کي ڪنيو وڃي ٿو. جيئن جيئن وقت گذرندو وڃي ٿو تيئن تيئن عيسيٰ مسيح جا شاگرد کيس بهتر نموني سمجهندا وڃن ٿا، پر عيسيٰ مسيح جا مخالف سندس وڌيڪ مخالف ٿيندا وڃن ٿا. آخري بابن ۾ عيسيٰ مسيح جي وفات کان اڳ واري آخري هفتي جي واقعن، سندس صليب تي چڙهڻ ۽ وري جيئرو ٿي اٿڻ کي بيان ڪيو ويو آهي.

سِٽاءُ


خوشخبريءَ جي اچڻ جي تياريءَ جو ذڪر 1:1-13
گليل علائقي ۾ عيسيٰ مسيح جو عام خدمت ۽ تبليغ ڪرڻ 1:14–9:50
گليل کان يروشلم شهر ڏانهن سفر 10:1-52
عيسيٰ مسيح جي وفات ۽ ان کان اڳ وارو آخري هفتو 11:1–15:47
عيسيٰ مسيح جو وري جيئرو ٿي اٿڻ 16:1-8
جيئري ٿيڻ کان پوءِ عيسيٰ مسيح جو ڏيکاري ڏيڻ ۽ آسمان ڏانهن کڄي وڃڻ 16:9-20

## يحيٰ بپتسما ڏيڻ واري جو منادي ڪرڻ

(متي 3:1-12، لوقا 3:1-18، يوحنا 1:19-28)

# 1

1 عيسيٰ مسيح ابن خدا جي خوشخبري هن ريت شروع ٿئي ٿي. 2 يسعياه نبيءَ جي ڪتاب ۾ لکيل آهي ته

”خدا چيو ته ’ڏس،
آءٌ پنهنجو پيغمبر تو کان اڳ ۾ موڪليان ٿو،
ته هو تنهنجي لاءِ رستو تيار ڪري.‘
3 هاڻي رڻپٽ ۾ انهيءَ پڪارڻ واري جو آواز اچي ٿو ته
’خداوند لاءِ رستو تيار ڪريو،
هن جي لاءِ واٽون سڌيون ڪريو.‘“

4 تنهنڪري ئي ته يحيٰ رڻپٽ ۾ ظاهر ٿيو هو. هو ماڻهن کي بپتسما ڏئي پيو ۽ تبليغ ڪري پيو ته ”پنهنجن گناهن کان توبهه ڪريو ۽ بپتسما وٺو ته خدا اوهان جا گناهه معاف ڪري ڇڏي.“ 5 يروشلم شهر بلڪ يهوداه علائقي جا تمام گهڻا ماڻهو نڪري يوحنا وٽ آيا. انهن پنهنجا گناهه باسيا ۽ يحيٰ کين اردن درياءَ ۾ بپتسما ڏني.

6 يحيٰ کي اُٺ جي وارن جا ڪپڙا پاتل هوندا هئا ۽ چيلهه سان چم جو پٽو ٻڌل هوندو هوس. هو ماڪڙ ۽ جهنگلي ماکي کائيندو هو. 7 يحيٰ ماڻهن ۾ منادي ڪندو هو ته ”منهنجي پٺيان هڪ اهڙو ٿو اچي جو مون کان به وڌيڪ قدرت وارو آهي. آءٌ انهيءَ لائق به نه آهيان جو نوڙي سندس جتيءَ جون ڪهيون کوليان. 8 آءٌ اوهان کي پاڻيءَ سان بپتسما ڏيان ٿو پر هو اوهان کي پاڪ روح سان بپتسما ڏيندو.“

## عيسيٰ جو بپتسما وٺڻ ۽ سندس آزمائش

(متي 3:13-4:11، لوقا 3:21-22، 4:1-13)

9 انهن ڏينهن ۾ عيسيٰ گليل جي ڳوٺ ناصرت کان يحيٰ وٽ آيو ۽ يحيٰ کيس اردن درياءَ ۾ بپتسما ڏني. 10 جيئن ئي عيسيٰ پاڻيءَ مان ٻاهر نڪتو ته کيس آسمان کُليل نظر آيو ۽ پاڪ روح کي ڪبوتر وانگر پاڻ تي لهندو ڏٺائين. 11 تڏهن آسمان مان هڪ آواز آيو ته ”تون منهنجو پيارو فرزند آهين ۽ آءٌ تو مان ڏاڍو خوش آهيان.“

12 پوءِ جلد ئي پاڪ روح عيسيٰ کي بيابان ڏانهن موڪلي ڇڏيو، 13 جتي هن جهنگلي جانورن جي وچ ۾ پئي گذاريو ۽ شيطان کيس چاليهه ڏينهن تائين آزمائيندو رهيو. اتي ملائڪن سندس خدمت پئي ڪئي.

## چئن مهاڻن کي پوئلڳ بنائڻ

(متي 4:12-22، لوقا 4:14-15، 5:1-11)

14 يحيٰ جي گرفتار ٿيڻ کان پوءِ عيسيٰ گليل ۾ آيو ۽ خدا جي خوشخبريءَ جي منادي ڪرڻ لڳو ته 15 ”وقت اچي پريو آهي ۽ خدا جي بادشاهي ويجهي آئي آهي، سو توبهه ڪريو ۽ انهيءَ خوشخبريءَ تي ايمان آڻيو.“

16 جيئن عيسيٰ گليل ڍنڍ جي ڪناري سان وڃي رهيو هو ته کيس ٻه مهاڻا، شمعون ۽ سندس ڀاءُ اندرياس نظر آيا جن ڍنڍ ۾ ڄار پئي وڌا. 17 تنهن تي عيسيٰ انهن کي چيو ته ”اچو ۽ منهنجي پٺيان هلو ته آءٌ اوهان کي مڇين بدران ماڻهو هٿ ڪرڻ سيکاريان.“ 18 سو هو هڪدم ڄار ڇڏي ڪري سندس پٺيان هلڻ لڳا.

---

2:1 ملا 3:1 3:1 يس 40:3 6:1 2.با 1:8

11:1 پيد 22:2، زب 2:7، يس 42:1، مت 3:17، 12:18، مر 9:7، لو 3:22 15:1 مت 3:2

19 تورو اڳيرو هليو تہ هن زبديءَ جي پٽن يعقوب
۽ يوحنا کي ٻيڙيءَ ۾ ڄارن جي مرمت ڪندي ڏٺو.
20 هنن کي ڏسندي ئي عيسيٰ کين سڏ ڪيو تہ انهن
پنهنجي پيتا کي ٻيڙيءَ ۾ مزدورن سان ڇڏي ڏنو ۽ پاڻ
عيسيٰ جي پٺيان هلڻ لڳا.

## پوت ورتل ماڻهوءَ کي شفا ڏيڻ

(لوقا 4:31-37)

21 پوءِ عيسيٰ پنهنجي انهن شاگردن سميت
ڪفرناحوم شهر ۾ آيو جتي سبت جي ڏينهن تي
عبادتخاني ۾ وڃي تعليم ڏيڻ لڳو. 22 ماڻهو هن
جي تعليم تي حيران ٿي ويا، ڇاڪاڻتہ هن انهن کي
شريعت جي عالمن وانگر نہ، بلڪ ائين پئي تعليم ڏني
جيئن ڪو اختيار وارو ڳالهائي.
23 ايتري ۾ پوت ورتل هڪڙو ماڻهو عبادتخاني
۾ آيو ۽ رڙ ڪري چيائين تہ 24 ”اي عيسيٰ ناصري!
تنهنجو اسان سان ڪهڙو واسطو آهي؟ تون اسان کي
ناس ڪرڻ آيو آهين ڇا؟ آءٌ ڄاڻان ٿو تہ تون ڪير
آهين. بيشڪ تون خدا جي هڪ پاڪ هستي آهين.“
25 پر عيسيٰ هن کي دڙڪو ڏيئي چيو تہ ”ماٺ ڪر،
هن مان نڪري وڃ.“ 26 تڏهن پوت ماڻهوءَ کي خوب
جهنجهوڙيو ۽ وڏي واڪي رڙ ڪندي هن مان نڪري
ويو. 27 تنهن تي سڀ ماڻهو ايترو تہ حيران ٿي ويا
جو هڪٻئي کان پڇڻ لڳا تہ ”هي آهي ڇا؟ هيءَ تہ
نئين تعليم آهي، بلڪل بااختيار. هو پوتن کي بہ حڪم
ٿو ڏئي ۽ اهي کيس مڃين ٿا.“ 28 جلد ئي هن جي
هاڪ سڄي گليل جي علائقي ۾ جتي ڪٿي پکڙجي
ويئي.

## گهڻن ماڻهن کي شفا ڏيڻ

(متي 8:14-17، لوقا 4:38-41)

29 ان کان پوءِ عيسيٰ عبادتخاني مان نڪري
يعقوب ۽ يوحنا سميت شمعون ۽ اندرياس سان گڏ
سندن گهر آيو. 30 شمعون جي سس بخار سبب بستري
۾ پيئي هئي. سو جيئن ئي عيسيٰ اتي پهتو تہ کيس
هن جي بيماريءَ بابت ٻڌايائون. 31 عيسيٰ هن وٽ
ويو ۽ کيس هٿ کان وٺي اٿاري ويهاريائين تہ جلد ئي
سندس بخار لهي ويو ۽ پوءِ هوءَ سندن خدمت ڪرڻ
لڳي.
32 جڏهن سانجهي ٿي ۽ سج لهي ويو تہ ماڻهن
ڪيترائي بيمار ۽ پوتن ورتل ماڻهو عيسيٰ وٽ آندا.
33 سڄو شهر دروازي تي اچي مڙيو. 34 عيسيٰ ڪيترن
ئي بيمارن کي مختلف مرضن کان شفا ڏني ۽ ڪيترن
مان پوت ڪڍيائين. هن پوتن کي ڳالهائڻ جي اجازت
ئي نہ ڏني، ڇالاءِجو اهي عيسيٰ کي سڃاڻن پيا تہ
هو ڪير آهي.

## عيسيٰ جو گليل ۾ تبليغ ڪرڻ

(لوقا 4:42-44)

35 صبح جو سوير بلڪل انڌاريءَ ۾ ئي عيسيٰ اُٿي
ٻاهر نڪري ويو ۽ هڪڙي نويڪليءَ جاءِ تي وڃي
دعا گهريائين. 36 شمعون ۽ سندس ساٿي عيسيٰ کي
ڳوليندا رهيا 37 ۽ جڏهن هنن کيس ڏٺو تہ چيائونس
تہ ”هر ڪو اوهان کي ڳولي رهيو آهي.“ 38 پر
عيسيٰ کين چيو تہ ”هلو تہ ڪن ٻين پر وارن شهرن
۾ هلون، تہ جيئن اتي بہ آءٌ تبليغ ڪريان، ڇوتہ انهيءَ
ئي سبب ڪري آءٌ آيو آهيان.“ 39 پوءِ هو گليل جي
پوري علائقي جي عبادتخانن ۾ وڃي تبليغ ڪرڻ لڳو
۽ ماڻهن مان پوت ڪڍڻ لڳو.

---

22:1 مت 7:28-29 39:1 مت 4:23، 9:35

## ڪوڙهہ جهڙي مرض واري کي شفا ڏيڻ

(متي 8:1-4، لوقا 5:12-16)

40 ڪوڙهہ جهڙي مرض وارو هڪڙو ماڻهو عيسيٰ
وٽ آيو ۽ گوڏن ڀر ويهي کيس نيزاري ڪري چيائين
تہ ”جيڪڏهن اوهين چاهيو تہ مون کي ڇٽائي پاڪ
صاف ڪري سگهو ٿا.“ 41 عيسيٰ کي هن تي ڪهل
آئي، سو پنهنجو هٿ انهيءَ ماڻهوءَ تي رکندي
چيائينس تہ ”آءٌ چاهيان ٿو تہ تون ڇٽي پاڪ صاف
ٿيءُ.“ 42 تڏهن هڪدم هن کان ڪوڙهہ جهڙو مرض
لهي ويو ۽ هو ڇٽي پاڪ صاف ٿي پيو. 43 عيسيٰ
سختيءَ سان تاڪيد ڪندي روانو ڪيس تہ 44 ”متان
ڪنهن کي ڪجهہ ٻڌايو اٿيئي، بلڪ سڌو وڃي
ڪاهنن کي پاڻ ڏيکار ۽ پوءِ موسيٰ جي شريعت موجب
قرباني ڪج، تہ جيئن انهن آڏو ثابتي ٿئي تہ تون ڇٽي
پاڪ صاف ٿي پيو آهين.“ 45 پر هن وڃي اها ڳالهہ
جتي ڪٿي ٻڌائي ڇڏي، جيڪا ايتري تہ هُلي ويئي جو
پوءِ عيسيٰ ڪنهن بہ شهر ۾ کُليءَ طرح داخل ٿي
نہ سگهيو. پر هو ٻاهر ويران جاين ۾ ٿي رهيو جتي
سڀني هنڌن کان ماڻهو وٽس پئي آيا.

## اڌرنگي ماڻهوءَ کي شفا ڏيڻ

(متي 9:1-8، لوقا 5:17-26)

2 1 ڪيترن ئي ڏينهن کان پوءِ عيسيٰ وري
ڪفرناحوم ۾ موٽي آيو. سندس گهر اچڻ جي
خبر چوڌاري پکڙجي ويئي. 2 سو ايترا تہ ماڻهو اچي
مڙيا جو دروازي تي بہ بيهڻ جي جاءِ ڪانہ هئي.
جڏهن عيسيٰ انهن کي تعليم پئي ڏني 3 تہ ڪي ماڻهو
هڪ اڌرنگيءَ شخص کي چئن ماڻهن هٿان کٽولي
تي کڻائي وٽس آيا. 4 جيئن تہ سخت پيڙ جي ڪري
هو اندر اچي نہ سگهيا، سو جنهن جاءِ ۾ عيسيٰ
ويٺل هو، تنهن جي ڇت کي ڦاڙ ڪيائون. جڏهن
ڦاڙ ويڪرو ٿيو تہ هنن کٽولو، جنهن تي اڌرنگي
پيل هو سو هيٺ لاٿو. 5 عيسيٰ انهن جو ايڏو ايمان
ڏسي انهيءَ اڌرنگي شخص کي چيو تہ ”پٽ! تنهنجا
گناهہ معاف ڪيا ويا.“ 6 پر اتي ڪي شريعت جا عالم
بہ ويٺا هئا، جيڪي پنهنجين دلين ۾ دليل ڊوڙائڻ
لڳا تہ 7 ”هي ماڻهو ائين ڇو ٿو چوي؟ هي تہ ڪفر
ٿو بڪي، ڇالاءِجو خدا کان سواءِ ٻيو ڪوبہ گناهہ
معاف ڪري نہ ٿو سگهي.“ 8 عيسيٰ هڪدم انهن
جي دلين جي دليلن کي ڄاڻي ورتو، سو کين چيائين
تہ ”ڇو اوهين پنهنجين دلين ۾ اهڙا دليل ڊوڙايو
ٿا؟ 9 ڇا اهو سولو آهي تہ هن اڌرنگي ماڻهوءَ کي
چئجي تہ ’تنهنجا گناهہ معاف ڪيا ويا‘ يا اهو جو
کيس چئجي تہ ’اُٿ، پنهنجو کٽولو کڻ ۽ گهم ڦر‘؟
10 پر آءٌ اوهان تي ثابت ڪندس تہ ابن‌آدم کي دنيا
۾ ماڻهن جا گناهہ معاف ڪرڻ جي اختياري مليل
آهي.“ سو عيسيٰ اڌرنگي شخص کي چيو تہ 11 ”آءٌ
تو کي چوان ٿو تہ اُٿ، پنهنجو کٽولو کڻ ۽ گهر هليو
وڃ.“ 12 سڀني ماڻهن جي ڏسندي ئي هو اُٿي بيٺو،
پنهنجو کٽولو کنيائين ۽ تڪڙو تڪڙو هليو ويو. سڀيئي
ماڻهو ڏاڍا حيران ٿي ويا ۽ خدا جي واکاڻ ڪري چوڻ
لڳا تہ ”اسان ڪڏهن بہ اهڙي ڳالهہ نہ ڏٺي آهي!“

## لاويءَ کي پوئلڳ بنائڻ

(متي 9:9-13، لوقا 5:27-32)

13 عيسيٰ وري ڍنڍ جي ڪناري سان پئي ويو تہ
هن وٽ ماڻهن جو هڪ ميڙ اچي گڏ ٿيو، سو هن
کين تعليم ڏني. 14 پوءِ هن واٽ ويندي حلفيءَ جي
پٽ لاويءَ کي محصولي اڏي تي ويٺل ڏٺو. عيسيٰ
کيس سڏي چيو تہ ”منهنجي پٺيان اچ.“ تنهن تي
لاوي اٿيو ۽ هن جي پٺيان هلڻ لڳو.

---

44:1 لاو 14:1-32

[15] هڪڙي دفعي جڏهن عيسيٰ لاويءَ جي گهر
پنهنجي شاگردن سان گڏ دسترخوان تي ويٺو هو
ته ڪيترائي [a]محصول اُڳاڙيندڙ ۽ ٻيا ماڻهو، جيڪي
شريعت جي لحاظ کان گنهگار هئا، سي به ساڻس گڏ
ويٺا هئا، ڇالاءِجو اهڙا گهڻا ئي هئا جيڪي عيسيٰ
جي پٺيان ايندا هئا. [16] شريعت جي ڪن فريسي عالمن
جڏهن ڏٺو ته عيسيٰ اهڙي قسم جي ماڻهن سان گڏ
ٿو کائي، تڏهن انهن عيسيٰ جي شاگردن کي چيو ته
”هو محصول اُڳاڙيندڙن ۽ ٻين گنهگارن سان گڏ ڇو
ٿو کائي پيئي؟“ [17] عيسيٰ هي ٻڌي ورتو ۽ چيائين ته
”ڇڱن ڀلن کي نه، بلڪ بيمارن کي حڪيم جي گهرج
هوندي آهي. سو آءٌ نيڪن کي نه، بلڪ گنهگارن
کي سڏڻ لاءِ آيو آهيان.“

## روزن بابت سوال

(متي 9:14-17، لوقا 5:33-39)

[18] هڪڙي دفعي جڏهن يحيٰ جا شاگرد ۽ فريسي
روزي سان هئا ته ڪي ماڻهو عيسيٰ وٽ آيا ۽ اچي
پڇيائونس ته ”يحيٰ جا شاگرد ۽ فريسي ته روزا رکن
ٿا پر اوهان جا شاگرد ڇو نه ٿا روزا رکن؟“ [19] عيسيٰ
انهن کي جواب ڏنو ته ”ڇا گهوٽ جا ڄاڃي روزا رکي
سگهن ٿا جڏهن ته گهوٽ به انهن سان هجي؟ نه،
جيستائين اهي گهوٽ سان گڏ آهن، تيستائين ڪين
روزا رکڻ جي ضرورت ناهي. [20] پر ڪو وقت ايندو
جڏهن گهوٽ انهن کان جدا ڪيو ويندو ته پوءِ ان
وقت هو به روزا رکندا.
[21] ڪوبه ماڻهو پراڻي قميص کي نئين ڪپڙي جي
چتي نه ٿو هڻي. جيڪڏهن هو ائين ڪندو ته اها
چتي پراڻي ڪپڙي کي ڦاڙي اچا به وڌو انگهه ڪري
وجهندي. [22] ڪوبه تازي مئي پراڻن ساندارن ۾ نه ٿو
پري. جيڪڏهن هو ائين ڪندو ته اها مئي ساندارن
کي ڦاڙي وجهندي. سو مئي ۽ ساندارا ٻئي زيان ٿي
ويندا. تنهنڪري تازي مئي هميشه نون ساندارن ۾
پربي آهي.“

## سبت جي ڏينهن بابت سوال

(متي 12:1-8، لوقا 6:1-5)

[23] سبت جي هڪڙي ڏينهن تي عيسيٰ جڏهن
پنهنجي شاگردن سميت اَنَ جي ٻنين مان لنگهي رهيو
هو، ته ڪي شاگرد رستي تي هلندي اَنَ جا سنگ
ڀڃي کائڻ لڳا. [24] تنهن تي فريسين عيسيٰ کي چيو
ته ”ڏسو، اوهان جا شاگرد اهو ڪم ڇو ٿا ڪن جيڪو
سبت جي ڏينهن تي جائز نه آهي؟“ [25–26] عيسيٰ
چين ته ”ڇا اوهان پاڪ لکت ۾ اهو نه پڙهيو آهي
ته سردار ڪاهن ابياتر جي ڏينهن ۾ جڏهن دائود ۽
سندس ساٿين کي بک لڳي هئي ۽ ڪين کائڻ لاءِ
ڪجهه گهربو هو، تڏهن دائود ڇا ڪيو هو؟ هو خدا
جي گهر ۾ گهڙي ويو ۽ نذراني وارا روٽ کڻي پاڻ
به کاڌائين ۽ پنهنجي ساٿين کي به ڏنائين، جيتوڻيڪ
اُهي روٽ ڪاهنن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به کائڻ
جائز نه هئا.“ [27] عيسيٰ انهن کي وڌيڪ چيو ته
”سبت انسانن لاءِ ٺهيو آهي، انسان سبت جي لاءِ
نه. [28] ياد رکو، ابنآدم ته سبت جو به مالڪ آهي.“

## سڪل هٿ وارو ماڻهو

(متي 12:9-14، لوقا 6:6-11)

3 [1] عيسيٰ جڏهن ٻيهر عبادتخاني ۾ داخل ٿيو ته
اتي هڪڙو سڪل هٿ وارو ماڻهو ويٺل ڏٺائين.

[a]محصول اُڳاڙيندڙ: ان دور ۾ رومي حڪومت جي ڪِي لڳي کي يهودي پنهنجي قوم وارن کان محصول اُڳاڙيندا هئا، جنهن جي ڪري ڪين پنهنجي قوم ۽ مذهب جو غدار ڪري سمجهيو ويندو هو (وڌيڪ تفصيل لاءِ ”خاص لفظن جي سمجهاڻي“ ڏسو).

2:23 شر 23:25     2:25-26 لاو 24:9، 1.سم 21:1-6

2 کي فريسي جيڪي انهيءَ تاڙ ۾ رهندا هئا ته
عيسيٰ تي ڪا تهمت هڻن، سي غور سان ڏسڻ لڳا ته
ڇا عيسيٰ انهيءَ ماڻهو کي سبت جي ڏينهن شفا ڏئي
ٿو. 3 تڏهن عيسيٰ سڪل هٿ واري ماڻهوءَ کي چيو
ته ”ماڻهن جي سامهون ٿي بيهه.“ 4 پوءِ ماڻهن کان
پڇيائين ته ”شريعت موجب سبت جي ڏينهن نيڪي
ڪرڻ جائز آهي يا بدي، حياتي بچائڻ جائز آهي يا
مارڻ؟“ پر هو ڪجهه به ڪڇي نه سگهيا. 5 عيسيٰ
کي انهن جي هٺ ۽ هوڏ تي ارمان ٿيڻ لڳو، سو
چوڌاري انهن ڏانهن ڪاوڙ ۾ نهاريائين. پوءِ انهيءَ
ماڻهوءَ کي چيائين ته ”پنهنجو هٿ ڊگهو ڪر.“ هن
هٿ ڊگهو ڪيو ته اهو بلڪل ٺيڪ ٿي ويو. 6 تنهن
تي فريسي ٻاهر نڪري وڃي هڪدم هيروديس جي
ماڻهن سان مليا ۽ عيسيٰ جي خلاف سازشون سٽڻ
لڳا ته کيس ڪيئن ختم ڪجي.

## ڍنڍ تي ميڙ

7–8 عيسيٰ پنهنجي شاگردن سان گڏجي گليل ڍنڍ
جي پاسي نڪري ويو ته ماڻهن جو وڏو ميڙ سندس
پٺيان آيو. انهيءَ ۾ گليل، يروشلم بلڪ سڄي يهوديه،
ادوم، اردن درياءَ جي ايرندي پاسي، صور ۽ صيدا
شهرن جي آس‌پاس وارن علائقن جا ماڻهو به شامل
هئا، ڇاڪاڻ‌ته انهن ٻڌو هو ته عيسيٰ عجيب وَ غريب
ڪم ٿو ڪري. 9 جيئن ته ماڻهن جو گهڻو ڳاهٽ
هو تنهنڪري عيسيٰ پنهنجي شاگردن کي چيو ته
”منهنجي لاءِ هڪڙي ٻيڙي تيار رکو، متان ماڻهو
مون کي ڳاهي نه ڇڏين.“ 10 جيئن ته هن گهڻن
ماڻهن کي ڇٽائي ڇڱو ڀلو ڪيو هو، تنهنڪري جن
کي به بيماري هئي سي کيس هٿ لائڻ لاءِ هڪ
ٻئي کي ڌڪيندا اڳتي وڌن پيا. 11 ڀوتن ورتل ماڻهو
جڏهن عيسيٰ کي ڏسندا هئا ته پٽ تي ڪري رڙيون
ڪري چوندا هئا ته ”تون خدا جو فرزند آهين.“ 12 پر
عيسيٰ انهن کي سختيءَ سان ڇينڀي تاڪيد ڪندو هو
ته ”مون کي ظاهر نه ڪريو.“

## رسول مقرر ڪرڻ

(متي 10:1-4، لوقا 6:12-16)

13 پوءِ عيسيٰ هڪڙي جابلو علائقي ڏانهن ويندي
ڪن شاگردن کي پاڻ وٽ گهرايو جيڪي ساڻس
گڏجي هليا. 14 هن انهن مان ٻارهن ڄڻا چونڊي
ڪين رسول مقرر ڪيو. انهن کي چيائين ته ”مون
اوهان کي انهيءَ ڪري چونڊيو آهي ته اوهين مون
سان گڏ رهو. آءٌ اوهان کي تبليغ ڪرڻ لاءِ ٻاهر به
موڪليندس، 15 ۽ اوهان کي ماڻهن مان ڀوتن ڪڍڻ
جي اختياري به ڏيندس.“ 16 عيسيٰ جيڪي ٻارهن
ڄڻا چونڊيا سي هي هئا: شمعون، جنهن کي [b]پطرس
نالو به ڏنائين، 17 زبديءَ جا پٽ يعقوب ۽ يوحنا، جن
کي بونرگس يعني ”گجگوڙ جا پٽ“ ڪري سڏيائين،
18 اندرياس، فلپس، برٿلمئي، متي، توما، حلفيءَ جو
پٽ يعقوب، ٿدئي، شمعون [c]قوم‌پرست، 19 ۽ يهوداه
اسڪريوتي، جنهن پوءِ دغا ڪري پڪڙايو هوس.

[b]”پطرس“: پطرس يوناني ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ ”ٽڪر“ آهي (ڏسو متي 16:18 پڻ).

[c]قوم‌پرست: يهودي قوم جو هڪ ٽولو جيڪو پنهنجي قوم جي مٿان رومي حڪمرانيءَ جو مخالف هو، تنهن کي ”قوم‌پرست“ سڏيو ويندو هو.

3:9-10 مر 4:1، لو 5:1-3

## عيسيٰ ۽ بعلزبول[d]

(متي 12:22-32، لوقا 11:14-23)

20 پوءِ عيسيٰ هڪ گهر ۾ آيو. اتي وري به ايتري
ته خلق اچي مڙي جو عيسيٰ ۽ سندس شاگردن کي
ماني کائڻ جي به واندڪائي نه پئي ملي. 21 هوڏانهن
جڏهن عيسيٰ جي مائٽن کي خبر پئي ته هو ڇا ڇا
ڪندو پيو وتي ۽ ماڻهو کيس ديوانو پيا سمجهن،
تڏهن هو کيس هٿ ڪرڻ لاءِ نڪتا.
22 ڪي شريعت جا عالم جيڪي يروشلم کان آيا هئا،
تن پئي چيو ته ”عيسيٰ ۾ ڀوتن جو سردار بعلزبول
آهي، سو انهيءَ جي مدد سان ئي هو ڀوتن کي ماڻهن
مان ڪڍي ٿو.“ 23 تنهن تي عيسيٰ ماڻهن کي پاڻ وٽ
گهرائي چيو ته ”شيطان، ڪيئن شيطان کي ڪڍندو؟“
پوءِ کين هي مثال ٻڌايائين ته 24 جيڪڏهن ڪنهن
بادشاهت ۾ ڏڦيڙ پوندو ته اُها جٽاءُ ڪري نه سگهندي
25 ۽ جيڪڏهن ڪنهن گهر ۾ ڦيٽهڙو پوندو ته اهو
گهر به هلي نه سگهندو. 26 سو جيڪڏهن شيطان پاڻ
ئي پنهنجي خلاف ٿي بيهندو ۽ ڏڦيڙ وجهندو ته بيهي
نه سگهندو بلڪ تباهه ٿي ويندو.
27 ڪوبه ماڻهو ڪنهن طاقتور شخص جي گهر
۾ گهڙي تيستائين سندس ملڪيت ڦُري نه سگهندو،
جيستائين پهريائين اُن طاقتور شخص کي نه ٻَڌندو.
انهيءَ کان پوءِ ئي هو سندس گهر ڦري سگهي ٿو.
28 آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو ته جن ماڻهن جيڪي
به گناهه ڪيا هوندا يا ڪفر جون ڳالهيون ڪيون
هوندائون، تن سڀني کي معافي ملي سگهي ٿي،
29 سواءِ انهيءَ ڪفر جي جيڪو پاڪ روح جي عمل
جي خلاف بڪيو وڃي ٿو. اهڙن ماڻهن کي ڪڏهن
به بخش نه ڪيو ويندو. اٿلندو اهي ابدي گناهه جا
ڏوهاري ليکيا ويندا.“ 30 عيسيٰ اهو انهيءَ ڪري
چيو جو ڪن چيو پئي ته ”هن ۾ ڀوت آهي.“

## عيسيٰ جي ماءُ ۽ ڀائر ڪير؟

(متي 12:46-50، لوقا 8:19-21)

31 ايتري ۾ عيسيٰ جي ماءُ ۽ ڀائر اچي پهتا ۽
ٻاهر بيهي عيسيٰ کي پاڻ وٽ گهرائڻ لاءِ ماڻهو
موڪليائون. 32 جيڪو ميڙ عيسيٰ جي چوگرد ويٺو
هو تنهن مان ڪن ماڻهن کيس ٻڌايو ته ”ڏسو، اوهان
جي ماءُ ۽ ڀائر ٻاهر بيٺا اوهان کي سڏين ٿا.“ 33 هن
پڇيو ته ”منهنجي ماءُ ۽ ڀائر ڪير آهن؟“ 34 پوءِ
جيڪي اتي سندس چوڌاري ويٺا هئا تن ڏانهن نظر
ڦيرائي چوڻ لڳو ته ”ڏسو، هيءَ آهي منهنجي ماءُ
۽ ڏسو، هي آهن منهنجا ڀائر، 35 ڇالاءِجو جيڪو به
خدا جي مرضيءَ موجب هلندو سو منهنجو ڀاءُ، ڀيڻ
۽ ماءُ آهي.“

## ٻج ڇٽڻ جو مثال

(متي 13:1-9، لوقا 8:4-8)

4 1 عيسيٰ وري گليل ڍنڍ جي ڪناري تي تعليم
ڏيڻ لڳو. سندس چوڌاري ايترا ته ماڻهو اچي
مڙيا جو هو پاڻ ڍنڍ ۾ هڪڙي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ويٺو
۽ ٻي ساري خلق ڪناري تي بيٺي رهي. 2 عيسيٰ
انهن کي ڪيترين ئي ڳالهين سيکارڻ لاءِ مثال پئي
ڏنا ۽ تعليم ڏيندي چيائين ته 3 ”ٻڌو، هڪڙو هاري
ٻج ڇٽڻ ويو. 4 ٻج ڇٽيندي ڪي داڻا رستي تي ڪريا
۽ پکي اچي انهن کي چُڱي ويا. 5 ڪي داڻا ٽڪرائتي
زمين تي ڪريا، جتي گهڻي مٽي نه هئي سو سلا
جلدي اپريا، پر پوري مٽي نه هئڻ ڪري 6 جڏهن سج
اڀريو ته لهسجي ويا. جيئن ته انهن کي پاڙ نه هئي

---

[d] بعلزبول: يعني شيطان (ڏسو متي 10:25 پڙ).

22:3 مت 34:9، 25:10    29:3 لو 10:12    1:4 لو 3-1:5

تنهنڪري اهي سڪي ويا. 7 ڪي داڻا ڪانڊيرن ۾
ڪريا. ڪانڊيرا مٿي اڀريا ته انهن ڪي اُسرڻ نه ڏنائون
۽ انهن ڪوبه ڦر نه ڏنو. 8 ڪي داڻا ڀليءَ زمين تي
ڪريا. اهي انگوريا، اڀريا ۽ ڦر جهليائون، ڪن ۾
ٽيهه داڻا، ڪن ۾ سٺ داڻا ته ڪن ۾ سؤ داڻا به ڦر
هو." 9 عيسيٰ چيو ته "جنهن کي ڪن آهن سو ٻڌي
ڇڏي."

## مثالن ۾ تعليم ڏيڻ جو مطلب

(متي 13:10-17، لوقا 8:9-10)

10 عيسيٰ جڏهن نويڪلو ٿيو ته سندس پوئلڳن
۽ ٻارهن شاگردن گڏجي مثالن بابت پڇيس. 11 هن
انهن کي چيو ته "اوهان کي ته خدا جي بادشاهيءَ
جي ڳُجهه جي سمجهه ڏني ويئي آهي. پر جيڪي
منهنجا پوئلڳ نه آهن تن کي سڀ ڳالهيون مثالن
سان ٻڌائجن ٿيون، 12 ته جيئن

'اهي نهاريندي نهاريندي به نه ڏسن،
ٻڌندي ٻڌندي به نه سمجهن،
ته متان انهن جون دليون
خدا جي طرف ڦري پون
۽ هو کين معاف ڪري ڇڏي.'"

## ٻج ڇٽڻ جي مثال جي سمجهاڻي

(متي 13:18-23، لوقا 8:11-15)

13 پوءِ عيسيٰ انهن کان پڇيو ته "ڇا اوهين هي
مثال نه ٿا سمجهو؟ ته پوءِ اوهين ٻين مثالن جو
مطلب ڪيئن سمجهندا؟ 14 ڏسو، ٻج ڇٽڻ وارو خدا
جي بادشاهيءَ جو پيغام پوکي ٿو. 15 ڪنهن وقت
پيغام رستي تي ڪري ٿو، يعني اهي ماڻهو جيڪي
پيغام ٻڌن ٿا. پر جيئن ئي اهي ٻڌن ٿا ته شيطان جلدي
اچي انهن جي دلين مان ڇٽيل ٻج ڪڍي وٺي ٿو. 16 ٻيا
ماڻهو ان ٽڪريلي زمين مثل آهن جتي ٻج ڪريو، يعني
اهي پيغام ٻڌن ٿا ۽ جلدي خوشيءَ سان قبول ڪن ٿا،
17 پر اهو انهن جي دلين ۾ پاڙ نه ٿو هڻي ۽ گهڻو
وقت جٽاءُ نه ٿو ڪري. سو جڏهن پيغام جي ڪري
مٿن ڪا مصيبت يا تڪليف اچي ٿي ته اهي جلدي
ڦري وڃن ٿا. 18 ٻيا ماڻهو ڪانڊيرن واري ان زمين
مثل آهن جنهن ۾ ٻج ڪريو، يعني اهي پيغام ته ٻڌن
ٿا، 19 پر دنيا جو فڪر، دولت جو فريب ۽ ٻين شين
جون خواهشون سندن دلين ۾ گهڙي ڪري پيغام کي
گهُٽيو ڇڏين ۽ انهن ۾ ڦر نه ٿو جهلي. 20 ٻيا ماڻهو ان
ڀليءَ زمين مثل آهن جتي ٻج ڪريو، يعني اهي پيغام
ٻڌن ٿا ۽ قبول ڪن ٿا. پوءِ انهن مان ڪي ٽيهوڻو،
ڪي سٺوڻو ۽ ڪي وري سؤڻو ڦر جهلين ٿا."

## ڏيئي جو مثال

(لوقا 8:16-18)

21 عيسيٰ وڌيڪ چين ته "ڇا اوهين ڏيئو ٻاري
ڍڪڻ يا کٽوليءَ جي هيٺان آڻي رکندا آهيو؟ نه، پر
اهو ڏياٽيءَ تي آڻي رکندا آهيو. 22 مطلب ته اهڙي
ڪابه شيءِ لڪل نه آهي جيڪا ظاهر نه ڪئي ويندي
۽ اهڙي ڪابه ڳالهه ڳجهي نه آهي جيڪا پڌري
نه ٿيندي. 23 جيڪڏهن اوهان کي ڪن آهن ته ٻڌي
ڇڏيو."

24 عيسيٰ اهو به چين ته "جيڪي ڪجهه ٻڌو ٿا
تنهن تي ڌيان ڏيو، ڇالاءِجو جنهن ماپي سان اوهين
ماپي ڏيندا تنهن ئي ماپي سان اوهان کي به ماپجي
ملندو، بلڪ ان کان به وڌيڪ ملندو. 25 هائو، جنهن
وٽ آهي تنهن کي وڌيڪ ڏنو ويندو ۽ جنهن وٽ

---

12:4 يس 6:9-10   21:4 مت 5:15، لو 11:33   22:4 مت 10:26، لو 12:2   24:4 مت 7:2، لو 6:38

25:4 مت 13:12، 25:29، لو 19:26

ڪجهہ بہ نہ آهي تنهن کان اهو بہ ڪسيو ويندو
جيڪو وٽس آهي.“

### فصل پچڻ جو مثال

26 عيسيٰ ٻڌايو تہ ”خدا جي بادشاهيءَ جو مثال
هن ريت آهي تہ هڪڙو ماڻهو پنهنجي ٻنيءَ ۾ ٻج
ڇٽي ٿو. 27 هو رات جو سمهي ٿو ۽ ڏينهن جو جاڳي
ڪم ڪار ڪري ٿو، جڏهن تہ ٻج اهڙيءَ طرح ڦٽي هلي
ٿو جو هن کي ان جي خبر ئي نہ ٿي پوي. 28 زمين
پاڻهي ئي فصل ڏئي ٿي، پهريائين سلو، پوءِ سنگ ۽
ان کان پوءِ سنگ ۾ داڻا ٿين ٿا. 29 پر جڏهن فصل
پچي تيار ٿئي ٿو تڏهن هو هڪدم انهيءَ ۾ ڏاٽو
وجهي ٿو، ڇالاءِ جو لاباري جو وقت اچي ويو آهي.“

### سرنهن جي داڻي جو مثال

(متي 13:31-32،34، لوقا 13:18-19)

30 عيسيٰ چيو تہ ”اسين خدا جي بادشاهيءَ کي
ڇا سان ڀيٽيون ۽ ان کي سمجهائڻ لاءِ اسين ڪهڙو
مثال ڏيون؟ 31 اها سرنهن جي داڻي مثل آهي، جيڪو
سڀني ٻجن ۾ ننڍي ۾ ننڍو آهي، 32 پر پوکڻ کان پوءِ
اپري سڀني ٻوٽن کان وڏي وڃي ٿو ۽ ايڏيون تہ وڏيون
ٽاريون ٿو جهلي جو پکي سندس ٽارين ۾ واهيرا ڪن
ٿا.“

33 عيسيٰ اوترا مثال ڏيئي انهن کي تعليم ڏني،
جيتري ڪين سمجهڻ جي سگهہ هئي. 34 هو مثالن
کان سواءِ انهن سان نہ ڳالهائيندو هو، پر جڏهن
شاگردن سان اڪيلائپ ۾ هوندو هو تہ ڪين سڀني
ڳالهين جو مطلب سمجهائيندو هو.

### طوفان کي بند ڪرڻ

(متي 8:23-27، لوقا 8:22-25)

35 انهيءَ ساڳئي ڏينهن شام جو عيسيٰ پنهنجي
شاگردن کي چيو تہ ”هلو تہ ڍنڍ جي هُن پر هلون.“
36 پوءِ هنن خلق کي روانو ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ جنهن
ٻيڙيءَ ۾ عيسيٰ اڳي ئي ويٺل هو، تنهن ۾ چڙهي
ساڻس گڏ روانا ٿيا. ٻيون ٻيڙيون بہ انهيءَ ٻيڙيءَ
سان گڏ هليون. 37 اوچتو ئي هڪڙو وڏو طوفان آيو
۽ ڇولين ٻيڙيءَ تي اهڙو تہ سٽڪو لائي ڏنو جو ٻيڙي
پاڻيءَ سان پرجي ٻڏڻ لڳي. 38 عيسيٰ ٻيڙيءَ جي پوئين
حصي تي وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي ستو پيو هو تہ شاگردن
ڪيس جاڳائي چيو تہ ”اي استاد! اسين مرڻ تي آهيون
۽ اوهان کي ڪو خيال ئي نہ ٿو ٿئي؟“ 39 تنهن تي
عيسيٰ اُٿيو ۽ واءُ کي ڇينڀيائين ۽ پاڻيءَ جي ڇولين کي
حڪم ڪيائين تہ ”ماٺيون ٿيو.“ تڏهن طوفان ٻيهجي
ويو ۽ بلڪل ٺاپر ٿي ويئي. 40 پوءِ عيسيٰ شاگردن کي
چيو تہ ”اوهين ڇو ٿا ڊڄو؟ ڇا اوهان کي اجا تائين
مون تي ايمان نہ آهي؟“ 41 پر اهي ڏاڍا ڊڄي ويا ۽
هڪٻئي کان پڇڻ لڳا تہ ”هي ڪير آهي جو هوا ۽
پاڻي بہ هن جو حڪم مڃين ٿا؟“

### ڀوتن ورتل ماڻهوءَ کي چڱو ڀلو ڪرڻ

(متي 8:28-34، لوقا 8:26-39)

5 1 عيسيٰ ۽ سندس شاگرد گليل ڍنڍ جي ٻيءَ
پر گراسينين جي علائقي ۾ اچي پهتا. 2 اجا
عيسيٰ ٻيڙيءَ تان لٿو ئي مس تہ هڪڙو ڀوت ورتل
ماڻهو غارن واري قبرستان مان نڪتو. 3 هو قبرستان
۾ رهندو هو ۽ ڪيس زنجيرن سان بہ ڪو ٻڌي نہ ٿي
سگهيو. 4 ڇالاءِ جو هن کي ڪيترائي دفعا لوهہ جي
ڪڙين ۽ زنجيرن ۾ ٻڌو ويو هو، پر هن انهن زنجيرن

---

29:4 يوا 13:3

کي ٽوڙي ۽ ڪڙين کي ڀڃي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو
هو. ڪوبہ مٿس قابو پئجي نہ ٿي سگھيو. 5 هو رات
ڏينهن قبرستان ۽ ٽڪرن ۾ رڙندو وتندو هو ۽ پٿرن سان
پاڻ کي رتوڇاڻ پيو ڪندو هو.

6 هن عيسيٰ کي پري کان ڏسي ورتو، سو ڀڄي
اچي سندس پيرن تي ڪري پيو، 7 ۽ وڏي واڪي رڙ
ڪري چيائين تہ ”اي عيسيٰ، خدا تعاليٰ جا فرزند!
تنهنجو مون سان ڪهڙو واسطو آهي؟ آءٌ تو کي منٿ
ٿو ڪريان تہ خدا جي واسطي مون کي عذاب نہ ڏي.“
8 هن اهو انهيءَ ڪري ٿي چيو جو عيسيٰ ڪيس انهيءَ
ماڻهوءَ مان نڪري وڃڻ لاءِ پئي چيو. 9 عيسيٰ پڇيس
تہ ”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ ماڻهوءَ جواب ڏنو تہ
”منهنجو نالو لشڪر آهي، ڇالاءِجو اسين گھڻا ڀوت
آهيون.“ 10 پوءِ هن ليلائيندي چيس تہ ”اسان کي
هن علائقي مان تڙي نہ ڪڍ.“

11 اتي ٽڪر جي پاسي ۾ سوئرن جو هڪ وڏو ڌڻ
چري رهيو هو. 12 سو عيسيٰ کي ڀوتن منٿ ڪئي
تہ ”مهرباني ڪري اسان کي موڪل ڏيو تہ سوئرن
۾ گھڙي وڃون.“ 13 عيسيٰ انهن کي موڪل ڏني ۽
ڀوت ماڻهوءَ مان نڪري سوئرن ۾ گھڙي ويا. تڏهن
بہ هزار سوئرن جو اهو سڄو ڌڻ ٽڪر جي چوٽيءَ تان
هيٺ ڊوڪيندو وڃي ڍنڍ ۾ پيو ۽ ٻڏي مري ويو.
14 جيڪي ماڻهو سوئرن جو ڌڻ چاري رهيا هئا،
سي ڀڄي ويا ۽ وڃي شهر ۽ ٻهراڙيءَ ۾ اها ڳالهہ
ٻڌايائون. تڏهن ماڻهو هن واقعي کي ڏسڻ لاءِ نڪري
آيا. 15 هو عيسيٰ وٽ آيا ۽ ڏٺائون تہ جنهن ماڻهوءَ
۾ ڀوتن جو لشڪر هو سو اتي ويٺو آهي ۽ ڪپڙا پاتل
اٿس ۽ پوري هوش حواس ۾ آهي. تڏهن سڀيئي ڏڄي
ويا. 16 جن اهو واقعو اکين سان ڏٺو هو تن ڪين ڀوتن
۽ سوئرن بابت سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. 17 تنهن تي
انهن عيسيٰ کي منٿ ڪري چيو تہ ”مهرباني ڪري
اسان جي علائقي مان هليا وڃو.“

18 پوءِ جڏهن عيسيٰ ٻيڙيءَ ۾ چڙهيو پئي تہ جنهن
ماڻهوءَ ۾ اڳ ڀوت هئا تنهن اچي منٿ ڪيس تہ
”مون کي بہ پاڻ سان وٺي هلو.“ 19 پر عيسيٰ ڪيس
اجازت نہ ڏني ۽ اٿلندو چيائينس تہ ”گھر مائٽن ڏانهن
موٽي وڃ ۽ وڃي انهن کي ٻڌاءِ تہ خداوند تو لاءِ ڇا
ڪيو ۽ ڪيتري قدر هو تو تي مهربان رهيو.“ 20 تنهن
تي اهو ماڻهو هليو ويو ۽ وڃي دڪاپلس جي شهرن
۾ ٻڌائڻ لڳو تہ عيسيٰ هن لاءِ ڇا ڪيو آهي. سو جن
بہ اهو ٻڌو تہ حيران ٿي ويا.

## يائرس جي ڌيءَ کي جيارڻ ۽ عورت کي شفا ڏيڻ

(متي 9:18-26، لوقا 8:40-56)

21 عيسيٰ جڏهن ٻيڙيءَ ۾ چڙهي وري ٻيءَ پر
موٽيو تہ ڍنڍ جي ڪنڌيءَ تي ماڻهن جو وڏو ميڙ
ڦري آيس. 22 انهيءَ ۾ يائرس نالي هڪ شخص بہ
هو، جيڪو يهودين جي مقامي عبادتخاني جو هڪڙو
اڳواڻ هو، سو عيسيٰ کي ڏسندي ئي سندس پيرن تي
ڪري پيو. 23 هو ڪيس ڏاڍيون آزيون نيزاريون ڪري
چوڻ لڳو تہ ”منهنجي ننڍي ڌيءَ مرڻ تي آهي.
مهرباني ڪري هلي هٿ گھمايوس تہ چڱي ڀلي ٿئي
۽ بچي پوي.“ 24 تنهن تي عيسيٰ ان سان گڏجي هليو
تہ هڪڙو وڏو ميڙ سندس پٺيان هلڻ لڳو. ماڻهو ايترا
تہ گھڻا هئا جو عيسيٰ تي ڳاهٽ پئي ٿيا.
25 انهيءَ ميڙ ۾ هڪڙي اهڙي عورت بہ هئي،
جنهن کي ٻارهن ورهين کان رت پيو ايندو هو. 26 هن
ڪيترن ئي حڪيمن کان علاج ڪرايو هو ۽ جيڪا بہ
پنهنجي ميڙي چونڊي هيس سا سڀ خرچ ڪري ڇڏي
هئائين ۽ ڪيس ذري جو بہ فائدو ڪونہ پيو هو، پر
اٿلندو وڌيڪ عليل ٿيندي پئي ويئي. 27 انهيءَ عورت
عيسيٰ بابت ڳالهيون ٻڌيون هيون، سو ميڙ سان گڏجي
سندس پٺيان آئي ۽ عيسيٰ جي ڪپڙن کي هٿ لاتائين،
28 ڇالاءِجو هوءَ دل ۾ چوي پيئي تہ ”جيڪڏهن مون
رڳو سندس ڪپڙن کي بہ هٿ لاتو تہ آءٌ ڇاق ٿي

وينديس.“ 29 عيسيٰ جي ڪپڙن کي هٿ لائڻ سان
ئي سندس رت وهڻ بند ٿي ويو ۽ هوءَ پاڻ کي
تندرست سمجهڻ لڳي. 30 ايتري ۾ عيسيٰ محسوس
ڪيو تہ ”مون مان قدرت نڪتي آهي.“ سو ميڙ
ڏانهن ڦري پڇيائين تہ ”منهنجي ڪپڙن کي ڪنهن
هٿ لاتو آهي؟“ 31 تنهن تي سندس شاگردن وراڻيس
تہ ”استاد! ماڻهو اوهان تي پيا ڌڪا ڏين ۽ اوهين
چئو ٿا تہ ’ڪنهن مون کي هٿ لاتو آهي.‘“ 32 پر
هو جاچيندو رهيو تہ اهو ڪم ڪنهن ڪيو. 33 هاڻي
جڏهن ان عورت سمجهيو تہ هوءَ تندرست ٿي پئي
آهي، تڏهن ڊڄندي ۽ ڏڪندي آئي ۽ عيسيٰ جي
پيرن تي هٿ رکي کيس سچي ڳالهہ ڪري ٻڌايائين.
34 تنهن تي عيسيٰ کيس چيو تہ ”ڌيءَ! تنهنجي ايمان
تو کي ڇٽايو آهي، سو خوش ٿيءُ جو هاڻي آزار کان
ڇٽينءَ.“

35 عيسيٰ اڃا ڳالهائي ئي رهيو هو تہ يائرس جي
گهران ڪي ماڻهو آيا، جن اچي يائرس کي ٻڌايو تہ
”اوهان جي ڌيءَ مري ويئي آهي. سو هاڻي استاد
کي وڌيڪ تڪليف نہ ڏيو.“ 36 عيسيٰ انهيءَ ڳالهہ
تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو، بلڪ يائرس کي چيائين تہ
”گهٻراءِ نہ، رڳو ويساهہ رک.“ 37 پوءِ عيسيٰ پاڻ
سان گڏ پطرس، يعقوب ۽ سندس ڀاءُ يوحنا کان سواءِ
ٻئي ڪنهن کي بہ اوڏانهن هلڻ جي اجازت نہ ڏني.
38 جڏهن اهي يائرس جي گهر وٽ پهتا تہ عيسيٰ ڏٺو
تہ گهر ۾ ماتم لڳو پيو آهي ۽ ماڻهو ڏاڍيان روئن پٽين
پيا. 39 گهر ۾ داخل ٿيندي عيسيٰ انهن کي چيو تہ
”اوهين هُل ڇو ٿا ڪريو ۽ ڇو ٿا روئو رڙو؟ ڇوڪري
مئي تہ ڪانهي پر ستي پيئي آهي.“ 40 تنهن تي
اهي مٿس ٺٺوليون ڪرڻ لڳا. تنهنڪري هن سيني
کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ رڳو پنهنجي ٽن شاگردن ۽
ڇوڪريءَ جي ماءُپيءُ کي ساڻ ڪري اندر ويو جتي
اها ڇوڪري پيئي هئي. 41 هن ڇوڪريءَ جي هٿ
کي پڪڙي کيس چيو تہ [e]”تليتا قُومي،“ جنهن جي
معنيٰ آهي تہ ”اي ننڍڙي نينگري! اُٿ.“ 42 تنهن
تي ڇوڪري هڪدم اُٿي کڙي ٿي ۽ گهمڻ ڦرڻ لڳي.
هن جي عمر ٻارهن ورهيہ هئي. اهو ڏسي سڀيئي
ڏاڍو حيران ٿي ويا. 43 پوءِ عيسيٰ انهن کي سختيءَ
سان تاڪيد ڪيو تہ ”اها ڳالهہ ڪنهن سان بہ نہ
ڪجو.“ هن وڌيڪ چيو تہ ”ڇوڪريءَ کي کائڻ پيئڻ
لاءِ ڪجهہ ڏيو.“

## ناصرت وارن جو عيسيٰ کي قبول نہ ڪرڻ

(متي 13:53-58، لوقا 4:16-30)

6
1 پوءِ عيسيٰ اتان روانو ٿي پنهنجي ڳوٺ
ناصرت ۾ موٽي آيو ۽ سندس شاگرد بہ هن
جي پٺيان آيا. 2 سبت جي ڏينهن تي هو عبادتخاني
۾ تعليم ڏيڻ لڳو. گهڻا ماڻهو هن کي ٻڌي عجب ۾
پئجي ويا ۽ چوڻ لڳا تہ ”هن اهي ڳالهيون ڪٿان
سکيون آهن؟ ايڏي وڏي دانائي کيس ڪيئن ملي
آهي؟ هو اهڙا معجزا ڪيئن ٿو ڪري ڏيکاري؟ 3 ڇا
هي اهو واڍو نہ آهي جيڪو مريم جو پٽ ۽ يعقوب،
يوسيس، يهوداہ ۽ شمعون جو ڀاءُ آهي؟ ڇا هن جون
ڀينرون هتي نہ ٿيون رهن؟“ سو هنن عيسيٰ کي قبول
نہ ڪيو. 4 تنهن تي عيسيٰ کين چيو تہ ”هر نبي
پنهنجي ديس، مٽن مائٽن ۽ خاندان کان سواءِ جتي
ڪٿي مان لهندو آهي.“ 5–6 عيسيٰ اتان جي ماڻهن
جي ايمان جي گهٽتائيءَ ڪري ڪن ٿورن بيمار ماڻهن
جي مٿان هٿ رکي کين شفا بخشڻ کان سواءِ ٻيو
ڪوبہ معجزو ڪري نہ سگهيو. انهن جي ايمان جي
گهٽتائيءَ تي عيسيٰ کي ڏاڍو عجب لڳو.

---

[e]”تليتا قُومي،“: هي ارامي ٻوليءَ جا لفظ آهن.

4:6 يو 4:44

پوءِ هو آس‌پاس جي ڳوٺن ۾ ويو ۽ ماڻهن کي تعليم
ڏيڻ لڳو.

## عيسيٰ جو ٻارهن شاگردن کي موڪلڻ

(متي 10:5-15، لوقا 9:1-6)

7 هن پنهنجي ٻارهن ئي شاگردن کي پاڻ وٽ
سڏايو ۽ ٻن ٻن جي ٽولي ۾ کين روانو ڪرڻ لڳو. انهن
کي اختياري ڏنائين ته هو ماڻهن مان ڀوت ڪڍين،
8 ۽ کين تاڪيد ڪري چيائين ته ”ماني، ٿيلهو، هڙ
۾ پيسو يا ٻيو ڪجهه به پاڻ سان نه کڻجو پر سفر
لاءِ لٺ ڀلي کڻجو. 9 پيرن ۾ جتي پائجو باقي هڪڙي
جوڙي کان وڌيڪ ڪپڙا پاڻ سان نه کڻجو.“ 10 عيسيٰ
کين اهو به چيو ته ”جتي به وڃو ته انهيءَ گهر ۾
ايستائين ٽڪي پئجو، جيستائين ان شهر مان روانا
نه ٿيو. 11 جيڪڏهن ڪنهن اهڙي هنڌ وڃو جتان جا
ماڻهو اوهان کي قبول نه ڪن، ته پوءِ اتان رواني
ٿيڻ وقت پنهنجي [f]پيرن جي مٽي اتي ڇنڊي ڇڏجو ته
جيئن مٿن شاهدي ٿئي.“ 12 پوءِ اهي روانا ٿي ويا
۽ ماڻهن ۾ وڃي تبليغ ڪرڻ لڳا ته ”پنهنجن گناهن
کان توبهه ڪريو.“ 13 هنن ڪيترن ئي ماڻهن مان
ڀوت ڪڍيا ۽ گهڻن ئي بيمارن کي زيتون جو تيل مکي
چڱو ڀلو ڪيو.

## يحيٰ بپتسما ڏيڻ واري جو قتل

(متي 14:1-12، لوقا 9:7-9)

14 جيئن ته عيسيٰ جي عزت ۽ وقار جي هاڪ
هر هنڌ پکڙجي ويئي هئي، سو گليل صوبي جي
حاڪم [g]هيروديس انتپاس به هي سڀ ڪجهه ٻڌو پئي.
عيسيٰ بابت ڪي ماڻهو چون پيا ته ”يحيٰ بپتسما ڏيڻ
وارو وري جيئرو ٿيو آهي. تنهنڪري هو اهڙا معجزا
ڪري رهيو آهي.“ 15 ٻيا وري چون پيا ته ”هو الياس
نبي آهي.“ ڪي چون پيا ته ”هو اڳين نبين جهڙو
هڪ نبي آهي.“
16 جڏهن هيروديس هي ٻڌو ته چيائين ته ”پوءِ
پڪ سان هي يحيٰ بپتسما ڏيڻ وارو آهي، جنهن
جي مون سسي لهرائي ڇڏي هئي. پر هاڻي هو
وري جيئرو ٿيو آهي.“ 17 هيروديس پاڻ ئي يحيٰ
جي گرفتاريءَ جو حڪم ڏنو هو ۽ کيس ٻڌرائي جيل
۾ وڌو هئائين. هن اهو ڪم هيروديياس جي چوڻ
تي ڪيو هو، جنهن سان هن شادي ڪئي هئي،
جيتوڻيڪ اها سندس ڀاءُ فلپس جي زال هئي. 18 يحيٰ
هيروديس کي چيو هو ته ”اوهان لاءِ اهو جائز نه
آهي جو اوهين پنهنجي ڀاءُ فلپس جي جيئري ئي
سندس زال هيروديياس سان شادي ڪريو.“ 19 اهو ئي
سبب هو جو هيروديياس يحيٰ کان نفرت ڪندي هئي
۽ کيس مارائڻ ٿي چاهيائين. پر هوءَ ائين ڪري نه ٿي
سگهي، 20 ڇاڪاڻته هيروديس يحيٰ کان ڊڄندو هو
جو هن ڄاتو پئي ته يحيٰ هڪ سچار ۽ پاڪ ماڻهو
آهي. سو هيروديس کيس بچائيندو رهيو. هيروديس
يحيٰ جون ڳالهيون خوشيءَ سان ٻڌندو هو، جيتوڻيڪ
ٻڌڻ وقت هي ڳالهيون کيس پريشان ڪنديون هيون.
21 نيٺ هيروديياس کي وجهه ملي ويو هو.
هيروديس پنهنجي جنم جي ڏينهن جي خوشيءَ ۾
اميرن، وڏن جنگي سالارن ۽ گليل جي مکيه ماڻهن

[f] پيرن جي مٽي اتي ڇنڊي ڇڏجو: انهيءَ دور جي هڪ رسم، جنهن مان مراد ڪنهن ڳالهه کي رد ڪرڻ جي صورت ۾ ساري ذميواري سندن مٿان هجڻ جو اظهار ڪرڻ آهي.

[g] هيروديس انتپاس: هي بادشاهه هيروديس اعظم جو پٽ هو.

6:8-11 لو 10:4-11 6:11 رس 13:51 6:13 يع 5:14 6:14-15 مت 16:14، مر 8:28، لو 9:19
6:17-18 لو 3:19-20

جي دعوت ڪئي هئي. 22 انهيءَ دعوت ۾ هيرودياس
جي ڌيءَ پاڻ اندر اچي ناچ ڪري هيروديس ۽ سندس
مهمانن کي خوش ڪيو. هيروديس انهيءَ ڇوڪريءَ
کي چيو ته ”جيڪي گهرڻو اٿيئي سو گهُر ته ڏيانءِ.“
23 هن قسم کڻي واعدو ڪيس ته ”جيڪڏهن حڪومت
جو اڌ گهرنديئن ته به ڏيندوسانءِ.“ 24 تنهن تي هوءَ
ٻاهر نڪري ويئي ۽ وڃي پنهنجي ماءُ کان پڇيائين
ته ”آءٌ ڇا گهران؟“ هن چيس ته ”يحيٰ بپتسما ڏيڻ
واري جي سسي.“ 25 تنهن تي ڇوڪري جلد ئي موٽي
آئي ۽ اچي هيروديس کي چيائين ته ”مون کي هاڻي
جو هاڻي يحيٰ بپتسما ڏيڻ واري جي سسي ٿالهه ۾
آڻي ڏيو.“ 26 هن ڳالهه هيروديس حاڪم کي ڏاڍو
مايوس ڪيو. پر هو ڪيس انڪار به ڪري نه ٿي
سگهيو، ڇاڪاڻ‌ته هن مهمانن جي روبرو قسم کڻي
واعدو ڪيو هو. 27 تنهنڪري هيروديس سپاهيءَ کي
موڪليو ته ”جلدي يحيٰ جي سسي لاهي کڻي اچ.“
سپاهي روانو ٿيو ۽ جيل ۾ وڃي يحيٰ جي سسي
لاٿائين. 28 پوءِ هن اها سسي هڪ ٿالهه ۾ رکي
ڇوڪريءَ کي آڻي ڏني، جنهن اها کڻي پنهنجي ماءُ
کي ڏني هئي. 29 جڏهن يحيٰ جي شاگردن هي ٻڌو
هو ته هنن اچي لاش ورتي ان کي قبر ۾ دفن ڪيو
هو.

## پنج هزار کان مٿي ماڻهن کي کارائڻ

(متي 14:13-21، لوقا 9:10-17، يوحنا 6:1-14)

30 ٻارهن ئي رسول واپس اچي عيسيٰ وٽ گڏ ٿيا
۽ جيڪي ڪم ڪيا هئائون ۽ ماڻهن کي جيڪا تعليم
ڏني هئائون، تنهن جو ڪيس سربستو احوال ڪري
ٻڌايائون. 31 ان وقت ايترا ته ماڻهو اچن وڃن پيا جو
عيسيٰ ۽ سندس شاگردن کي ماني کائڻ جو وقت به
نه ٿي مليو. تنهن تي هن انهن کي چيو ته ”هلو
ته هتان ڪنهن نويڪليءَ جاءِ تي هلون، جتي هلي
اوهين ٿورو وقت آرام ڪريو.“ 32 سو هو هڪڙي
ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ڪنهن نويڪليءَ جاءِ ڏانهن روانا ٿي
ويا.

33 تنهن هوندي به ڪيترن ئي ماڻهن کين ويندو
ڏسي سڃاڻي ورتو. سو اهي سڀيئي پيرين پيادا شهرن
مان نڪري پيا ۽ تڪڙا تڪڙا وڃي هنن کان به اڳي
انهيءَ جاءِ تي پهتا. 34 جڏهن عيسيٰ ٻيڙيءَ مان لهي
آيو ۽ ماڻهن جو وڏو ميڙ ڏٺائين تڏهن سندس دل رحم
سان ڀرجي ويئي، ڇالاءِجو هو نڌڻڪين رڍن وانگر
هئا. تنهنڪري هو کين گهڻيون ئي ڳالهيون سيکارڻ
لڳو.

35 جڏهن سج گهڻو لڙي ويو، تڏهن شاگردن عيسيٰ
جي ويجهو اچي کيس چيو ته ”اڳي ئي دير ٿي ويئي
آهي ۽ اسين هتي ويران هنڌ تي آهيون. 36 سو هنن
ماڻهن کي موڪل ڏيو ته اوسي‌پاسي جي ڳوٺن ۽
واهڻن ۾ وڃي ڪجهه وٺي کائين.“ 37 پر عيسيٰ چين
ته ”اوهين ئي هنن کي ڪجهه کائڻ لاءِ ڏيو.“ تڏهن
شاگردن پڇيس ته ”ڇا اوهان جي مرضي آهي ته اسين
وڃي [h]چانديءَ جي ٻه سؤ سڪن جي ماني وٺي اچون
۽ هنن کي کارايون؟“ 38 تنهن تي عيسيٰ کين چيو
ته ”وڃي ڏسو ته اوهان وٽ ڪيتريون مانيون آهن؟“
انهن وڃي ڏٺو ۽ اچي کيس ٻڌايائون ته ”اسان وٽ
پنج مانيون ۽ ٻه مڇيون آهن.“
39 پوءِ عيسيٰ پنهنجي شاگردن کي چيو ته ”هنن
ماڻهن کي هيٺ سائي گاهه تي قطار ۾ ويهاريو.“
40 تنهن تي اهي ماڻهو سؤ سؤ ۽ پنجاهه پنجاهه جون
ٽوليون ٿاهي ويٺا. 41 تڏهن عيسيٰ اهي پنج مانيون ۽
ٻه مڇيون کڻي هٿن ۾ جهلي آسمان ڏانهن نهاريو ۽

---

[h]چانديءَ جي ٻه سؤ سڪن: انهن ڏينهن ۾ چانديءَ جو هڪ عام سڪو هڪڙي ڏينهن جي مزدوري هوندي هئي (ڏسو متي 20:2).

34:6 ڳا 17:27، 1.با 17:22، 2.توا 16:18، حز 5:34، مت 36:9

انهن ۾ برڪت گهريائين. پوءِ مانين جا ٽڪرا پڇندو
شاگردن کي ڏيندو ويو ته اهي ماڻهن ۾ ورهائين. هن
ٻه مڇيون به انهن سڀني ۾ ورهايون. 42 هر هڪ
ماڻهوءَ کائي ڍءُ ڪيو. 43 پوءِ شاگردن باقي بچيل
مانيءَ ۽ مڇيءَ جون ٻارهن ڪاريون ڀري کنيون. 44 جن
ماني کاڌي تن ۾ فقط مردن جو تعداد اٽڪل پنج هزار
هو.

### عيسيٰ جو پاڻيءَ تي پنڌ ڪرڻ

(متي 14:22-23، يوحنا 6:15-21)

45 پوءِ هڪدم عيسيٰ پنهنجي شاگردن کي ٻيڙيءَ
۾ سوار ڪري زور ڀريو ته ”اوهين مون کان اڳ ڍنڍ
جي هُن پر بيت‌صيدا شهر ڏانهن هلو.“ ان بعد هن
ماڻهن جي ميڙ کي به موڪل ڏيئي ڇڏي 46 ۽ پاڻ ٽڪر
تي دعا گهرڻ ويو. 47 رات ٿيڻ تائين ٻيڙي ڍنڍ جي وچ
۾ وڃي پهتي، جڏهن ته عيسيٰ اڃا اڪيلو سڪيءَ
تي هو. 48 پوءِ جڏهن هن ڏٺو ته واءُ سامهون گهلڻ
ڪري شاگردن کي ٻيڙيءَ جي ونجهه هلائڻ ۾ تڪليف
ٿئي ٿي، تڏهن هو رات جي پوئين پهر پاڻيءَ تي پنڌ
ڪندو اچي انهن وٽان لنگهيو. 49–50 شاگردن جڏهن
ڪنهن ماڻهوءَ کي پاڻيءَ تي پنڌ ڪندي ڏٺو تڏهن
سمجهيائون ته اهو ڪو جن آهي، سو هو ڏهلجي
ويا ۽ وٺي رڙيون ڪيائون. هُن هڪدم ساڻن ڳالهايو
ته ”ڊڄو نه، دلجاءِ ڪريو، آءٌ آهيان.“ 51 پوءِ عيسيٰ
اچي انهن سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ ويٺو ته واءُ بيهجي ويو.
اهو ڏسي شاگرد ڏاڍا حيران ٿي ويا، 52 ڇالاءِجو اهي
گهڻن ماڻهن کي ماني کارائڻ واري ڳالهه به نه
سمجهي سگهيا هئا. اها ڳالهه هنن جي دماغ ۾
ئي نه ويٺي هئي.

### گنيسرت ۾ بيمارن کي شفا ڏيڻ

(متي 14:34-36)

53 اهي ڍنڍ پار ڪري اچي گنيسرت جي علائقي
۾ پهتا جتي ٻيڙيءَ کي ٻڌي ڇڏيائون. 54 هو جيئن
ئي ٻيڙيءَ تان لٿا ته ماڻهن عيسيٰ کي سڃاڻي ورتو.
55 پوءِ اهي ماڻهو سڄي علائقي ۾ پکڙجي ويا ۽
جنهن جڳهه لاءِ به ٻڌائون ته عيسيٰ اتي آيو آهي،
تڏهن ماڻهو پنهنجا بيمار کٽولن تي کڻي وٽس پئي
آيا. 56 عيسيٰ ڳوٺن، شهرن ۽ واهڻن ۾ جتي به ويو
پئي ته اتي ماڻهن پنهنجا بيمار چونڪن ۾ آڻي ٿي
رکيا ۽ کيس منٿ ٿي ڪيائون ته ”مهرباني ڪري
بيمار کي رڳو پنهنجي دامن تي ئي هٿ لائڻ ڏيو.“
پوءِ جن به هٿ لاتس پئي سي سڀ چڱا ڀلا ٿي پئي
ويا.

### وڏن جون ريتون رسمون

(متي 15:1-9)

7 1 هڪ دفعي يروشلم کان ڪي فريسي ۽ شريعت
جا عالم عيسيٰ وٽ اچي گڏ ٿيا. 2 انهن ڏٺو
ته عيسيٰ جا ڪي شاگرد پليت هٿن يعني اڻڌوتل
هٿن سان ماني کائين ٿا پيا. 3 جڏهن ته فريسي ۽
سڀ يهودي پنهنجن وڏن جي ريتن رسمن موجب،
جيستائين پنهنجا هٿ پنهنجي خاص نموني سان نه
ڌوئن تيستائين نه کائيندا آهن، 4 ۽ جڏهن بازار کان
اچن تڏهن جيسين نه وهنجن تيسين ڪين کائيندا
آهن. انهن وٽ ٻيون به گهڻيون ريتون رسمون آهن،
جهڙوڪ: پيالن، لوٽن، پٽل جي ٿانون ۽ بسترن کي
ڌوئڻ. 5 سو انهن فريسين ۽ شريعت جي عالمن عيسيٰ
کان پڇيو ته ”اوهان جا شاگرد وڏن جي مذهبي ريتن
رسمن موجب ڇو نه ٿا هلن ۽ پليت هٿن سان ڇو ٿا

ماني کائين؟" 6 تنهن تي عيسيٰ چين تہ "خدا اوهان
رياڪارن بابت يسعياہ نبيءَ جي معرفت ڪيترو نہ
صحيح فرمايو آهي تہ

'هيءَ قوم پنهنجي زبان سان تہ مون کي عزت
ڏئي ٿي،
پر هو مون کي دل سان نہ ٿا چاهين.
7 هو منهنجي عبادت اجائي ٿا ڪن،
ڇالاءِجو هو ماڻهن جا حڪم ائين ٿا سيکارين
ڄڻ تہ اهي مون خدا جا حڪم آهن.'"

8 عيسيٰ وڌيڪ چيو تہ "اوهين خدا جا حڪم
ڇڏي انساني ريتن رسمن ۾ ڦاسي پيا آهيو. 9 اوهين
پنهنجين ريتن رسمن کي پوري ڪرڻ خاطر خدا جي
حڪمن کي ڪيئن نہ پٺيءَ پويان اڇلائي ٿا ڇڏيو.
10 جيئن تہ موسيٰ جي شريعت ۾ لکيل آهي تہ
'پنهنجي ماءُ ۽ پنهنجي پيءُ جي عزت ڪريو.' ۽
'جيڪو پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جي گلا ڪري تنهن کي
اقٽ ماريو وڃي.' 11 پر اوهين ماڻهن کي سيکاريو
ٿا تہ 'جيڪڏهن ڪنهن وٽ ڪا شيءِ آهي جنهن
سان هو پنهنجي ماءُپيءُ جي گهرج پوري ڪري
سگهيو ٿي، پر هن اها [i]"قربان،" يعني خدا جي
نذر ڪري ڇڏي آهي، 12 تہ پوءِ هو ماءُپيءُ جي
گهرج پوري ڪرڻ کان ڇٽي وڃي ٿو.' 13 اهڙيءَ طرح
اوهين پنهنجين ريتن رسمن سان خدا جو ڪلام رد
ٿا ڪريو. اهڙي نموني ٻيون بہ ڪيتريون ئي ڳالهيون
آهن جيڪي اوهين ڪريو ٿا."

### انسان کي پليت ڪرڻ واريون شيون

(متي 15:10-20)

14 پوءِ عيسيٰ سڄي خلق کي وري پاڻ وٽ سڏي
چيو تہ "اوهين سڀ منهنجي ڳالهہ ٻڌو ۽ سمجهو.
15–16 ڪابہ شيءِ ٻاهران ماڻهوءَ ۾ داخل ٿي ڪيس
پليت ڪري نہ ٿي سگهي، پر جيڪي شيون ماڻهوءَ
جي اندر مان ٻاهر نڪرن ٿيون سي ڪيس پليت ٿيون
ڪن."[j]

17 جڏهن عيسيٰ ميڙ کي ڇڏي گهر پهتو تہ سندس
شاگردن انهيءَ مثال بابت پڇيس. 18 تنهن تي عيسيٰ
هنن کي چيو تہ "اوهين بہ ڪيڏا نہ بيسمجهہ
آهيو، جو ايتري بہ خبر نہ ٿي پئيوَ تہ جيڪي ٻاهران
انسان ۾ داخل ٿئي ٿو سو ڪيس پليت نہ ٿو ڪري،
19 ڇالاءِجو اهو انسان جي دل ۾ نہ ٿو وڃي پر انسان
جي پيٽ ۾ ٿو وڃي ۽ اتان آخرڪار ٻاهر نڪريو
وڃي." ائين چئي عيسيٰ کائڻ جي سڀني شين کي
حلال سڏيو. 20 هن وڌيڪ چيو تہ "جيڪي انسان جي
دل مان ٻاهر ٿو نڪري سو ئي ڪيس پليت ٿو ڪري،
21 ڇالاءِجو انسان جي دل مان بڇڙا خيال ٿا نڪرن،
جهڙوڪ: حرامڪاري، چوري، خون، 22 زناڪاري،
لالچ، بڇڙائي، ٺڳي، ڇڙواڳي، ڪينو، گلاخوري،
مغروري ۽ بيوقوفي. 23 اهي سڀ خرابيون اندر مان
ئي ٿيون نڪرن، جيڪي ماڻهوءَ کي پليت ڪن ٿيون."

[i]"قربان،": جيتوڻيڪ نئون عهدنامو يوناني ٻوليءَ ۾ لکيل آهي، پر هي لفظ عبراني ٻوليءَ جو آهي جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي لفظ سان ملي ٿو.

[j]ڪن ترجمن ۾ هي بہ شامل آهي: "جنهن کي ڪن آهن سو ٻڌي ڇڏي" (ڏسو 4:23).

7:6-7 يس 29:13    7:10 خر 20:12، 21:17، لاو 20:9، شر 5:16

## هڪ عورت جو ايمان

(متي 15:21-28)

[24] پوءِ عيسيٰ اتان اُٿي صور شهر جي علائقي ڏانهن روانو ٿيو ۽ اچي هڪڙي گهر ۾ رهيو. هن جي مرضي هئي ته ڪنهن به ماڻهوءَ کي سندس اچڻ جي خبر نه پوي، پر اها ڳالهه لڪي نه سگهي. [25] هڪڙي عورت جنهن جي ننڍڙي ڌيءَ کي ڀوت هو، تنهن کي جڏهن عيسيٰ جي اچڻ جي خبر پيئي ته اها هڪدم وٽس آئي ۽ اچي پيرن تي ڪريس. [26] اها عورت غير يهودي هئي ۽ شام ملڪ جي فينيڪي علائقي مان هئي. هن عيسيٰ کي منٿ ڪئي ته ”منهنجي ڌيءَ مان هلي ڀوت ڪڍو.“ [27] پر عيسيٰ مثال ۾ ڳالهائيندي چيس ته ”پهريائين ٻارن کي ڍءُ ڪرڻ ڏي، ڇالاءِجو اهو واجب نه آهي جو ٻارن جي ماني کٽي ڪتن کي اڇلائي ڏجي.“ [28] تنهن تي عورت چيس ته ”سائين! برابر، پر ڪتا به ته دسترخوان وٽان ٻارن جي اوبر ڪيل مانيءَ جا ٽڪر کائيندا آهن.“ [29] عيسيٰ هن کي چيو ته ”واه! تنهنجي انهيءَ جواب جي ڪري تنهنجي نياڻيءَ مان ڀوت نڪري ويو. سو تون ڀلي گهر وڃ.“ [30] سو هن گهر وڃي ڏٺو ته سندس ڌيءَ هنڌ تي ڀيل آهي ۽ ڀوت بلڪل ڇڏي ويو اٿس.

## هڪ ٻوڙي ۽ هبڪ واري ماڻهوءَ کي شفا ڏيڻ

[31] پوءِ عيسيٰ صور جي حدن مان نڪري صيدا جي علائقي مان لنگهي دڪاپلس جي حدن جو وچ وٺي گليل جي ڍنڍ تي آيو. [32] ماڻهو وٽس هڪڙي اهڙي شخص کي وٺي آيا جيڪو ٻوڙو هو ۽ ڳالهائڻ ۾ به هبڪ هيس. سو منٿ ڪيائونس ته ”هن کي پنهنجو هٿ لايو.“ [33] عيسيٰ اُن کي گوڙ کان پاسيرو وٺي ويو ۽ پنهنجون آڱريون هن جي ڪنن ۾ وڌائين ۽ پنهنجي زبان جي لپ ڪڍي هن جي زبان کي لاتائين. [34] پوءِ عيسيٰ آسمان ڏانهن نهاري ٿڌو ساهه ڀريو ۽ هن کي چيائين ته [k]”افتح،“ يعني ”کُلي پئُه.“ [35] تڏهن هڪدم سندس ڪن کُلي پيا ۽ هن جي زبان جي تند ڇڄي پيئي ۽ هو چٽو ڳالهائڻ لڳو. [36] پوءِ عيسيٰ انهن ماڻهن کي تاڪيد ڪندي چيو ته ”اها ڳالهه ڪنهن سان به نه ڪجو.“ پر جيترو هن وڌيڪ تاڪيد ڪيو هون، اوترو ئي وڌيڪ هنن وجي اها ڳالهه ماڻهن ۾ پڌري ڪئي. [37] سو جن به پئي ٻڌو، تن کي ڏاڍو عجب پئي لڳو ۽ چوڻ لڳا ته ”ڪهڙي نه سهڻي نموني سان هو هر هڪ ڪم ڪري ٿو، بلڪ هو ته ٻوڙن کي ٻڌڻ جي ۽ گونگن کي ڳالهائڻ جي به طاقت ٿو ڏئي.“

## چار هزار ماڻهن کي کارائڻ

(متي 15:32-39)

8 [1] هڪڙي ڏينهن وري ماڻهن جو ڀيو وڏو ميڙ اچي گڏ ٿيو. انهن جي کائڻ لاءِ ڪجهه به ڪونه هو. تنهن تي عيسيٰ پنهنجي شاگردن کي پاڻ وٽ سڏيو ۽ چيائين ته [2] ”مون کي هنن ماڻهن لاءِ ڏاڍو ڏک ٿو ٿئي، ڇاڪاڻته هي ٽن ڏينهن کان وٺي مون سان گڏ آهن ۽ هاڻي وٽن ڪجهه به ڪونهي جو کٽي کائين. [3] سو جيڪڏهن آءٌ انهن کي پنهنجن گهرن ڏانهن بکئي پيٽ ٿو موڪليان ته اهي رستي تي ساٽا ٿي پوندا، ڇالاءِجو انهن مان ڪيترائي پري کان آيل آهن.“ [4] شاگردن وراڻيس ته ”هتي ويران هنڌ تي ايتري ماني ڪٿان اچي جو هنن ماڻهن جو پيٽ ڀرجي؟“ [5] عيسيٰ شاگردن کان پڇيو ته ”اوهان وٽ ڪيتريون مانيون آهن؟“ انهن وراڻيو ته ”ست.“

[6] تڏهن هن ماڻهن کي حڪم ڏنو ته ”زمين تي ويهو.“ پوءِ هن اهي ست ئي مانيون کٽي انهن

[k]”افتح،“: هي ارامي ٻوليءَ جو لفظ آهي.

۾ خدا کان برڪت گھُري ۽ پيچي ٽڪرا ٽڪرا ڪندو
شاگردن کي ڏيندو ويو تہ جيئن اهي ماڻهن کي کائڻ
لاءِ ڏيندا وڃن. شاگردن ائين ئي ڪيو. 7 اُنهن وٽ
ٿوريون ڪُرڙيون بہ هيون، تن تي بہ برڪت گھُري
شاگردن کي ڏنائين ۽ چيائين تہ ”اهي بہ ڪٽي ماڻهن
کي ڏيو.“ 8 سو اُنهن تہ ڪائي ڍءُ ڪيو پر ٽڪر ڳيا
ايترا تہ بچيا جو شاگردن ست ڪاريون پري ڪنيون.
9 اهي اٽڪل چار هزار کن ماڻهو هئا. پوءِ عيسيٰ
انهن کي موڪل ڏني 10 ۽ پاڻ پنهنجي شاگردن سميت
ٻيڙيءَ ۾ چڙهي دلمنوٿا جي علائقي ڏانهن ويو.

### خدائي نشانيءَ جي گهُر

(متي 16:1-4)

11 فريسي عيسيٰ وٽ آيا ۽ اچي ساڻس بحث ڪرڻ
لڳا ۽ کيس آزمائڻ لاءِ چيائون تہ ”اسان کي ثابتيءَ
لاءِ آسمان مان ڪا خدائي نشاني ڏيکار.“ 12 تنهن
تي هن ٿڌو ساهہ کڻي چيو تہ ”هن زماني جا ماڻهو
نشاني ڇو ٿا گهرن؟ آءٌ اوهان کي سچ ٿو چوان تہ
هن زماني جي ماڻهن کي ڪابہ نشاني نہ ڏيکاري
ويندي.“ 13 پوءِ هو انهن کي ڇڏي موٽي وڃي ٻيڙيءَ
۾ چڙهيو ۽ ڍنڍ جي ٻيءَ پر هليو ويو.

### فريسين ۽ هيروديس وارن جو خمير

(متي 16:5-12)

14 شاگردن کي مانيون کڻڻ وسري ويون ۽ ٻيڙيءَ
۾ هڪڙي مانيءَ کان سواءِ انهن وٽ ٻيو ڪجهہ بہ
ڪونہ هو. 15 عيسيٰ چين تہ ”ڏسو، هوشيار ٿجو،
متان فريسين ۽ هيروديس وارن جي خمير ۾ ڦاسجي
پئو.“ 16 تنهنڪري هو پاڻ ۾ بحث ڪرڻ لڳا تہ ”هن
اسان کي اهو انهيءَ ڪري چيو جو اسان وٽ ماني
ڪونهي.“ 17 عيسيٰ سندن ڳالهہ سمجهي ويو ۽
چيائين تہ ”ڇو ٿا پاڻ ۾ بحث ڪريو تہ اسان وٽ
ماني ڪونهي؟ ڇا اوهين اڃا تائين نہ ٿا ڄاڻو ۽
سمجهو؟ ڇا اوهان جا دماغ ايترا ڇٽ آهن؟ 18 ڇا
اکين هوندي بہ ڏسي نہ ٿا سگهو ۽ ڪنن هوندي بہ
ٻڌي نہ ٿا سگهو؟ ڇا اوهان کي اهي ڳالهيون ياد
نہ آهن، 19 جڏهن مون پنج مانيون پنج هزار ماڻهن
کي پيچي ڏنيون تہ ان وقت اوهان ڪيتريون ڪاريون
اوبر جي بچيل ٽڪرن جون پري ڪنيون هيون؟“ انهن
جواب ڏنو تہ ”ٻارهن ڪاريون.“ 20 عيسيٰ ٻيهر پڇين
تہ ”وري جڏهن مون ست مانيون چار هزار ماڻهن ۾
ورهائي پوريون ڪيون هيون تہ اوهان ان وقت اوبر
جي ٽڪرن جون ڪيتريون ڪاريون پري ڪنيون هيون؟“
انهن جواب ڏنو تہ ”ست ڪاريون.“ 21 تڏهن عيسيٰ
چين تہ ”پوءِ اڃا بہ اوهين نہ ٿا سمجهو.“

### بيتصيدا ۾ انڌي کي شفا ڏيڻ

22 پوءِ هو بيتصيدا ۾ آيا، جتي ڪي ماڻهو هڪ
انڌي کي عيسيٰ وٽ وٺي آيا ۽ منٿون ڪيائونس تہ
”هن کي هٿ لايو.“ 23 عيسيٰ انهيءَ انڌي ماڻهوءَ
کي هٿ کان وٺي ڳوٺ کان ٻاهر وٺي ويو. اتي هن
انڌي ماڻهوءَ جي اکين تي لپ لائي پنهنجا هٿ گهمايا
۽ پڇيائينس تہ ”ڇا تون ڪا شيءِ ڏسي سگهين ٿو؟“
24 انڌي ماڻهوءَ مٿي نهاري چيو تہ ”مون کي ماڻهو
گهمندي نظر اچن ٿا، پر اهي وڻن وانگر لڳن ٿا.“
25 تنهن تي عيسيٰ وري پنهنجا هٿ هن جي اکين تي
گهمايا. پوءِ هو غور سان ڏسڻ لڳو تہ سندس نظر
بحال ٿي ويئي ۽ هو ڏورانهيون شيون بہ چٽيون ڏسڻ
لڳو. 26 پوءِ عيسيٰ کيس حڪم ڏنو تہ ”سڌو گهر وڃ
۽ ڳوٺ ۾ ڪنهن سان بہ اها ڳالهہ نہ ڪجانءِ.“

---

11:8 مت 12:38، لو 11:16    12:8 مت 12:39، لو 11:29    15:8 لو 12:1    18:8 ير 5:21، حز 12:2، مر 4:12

## پطرس جو عيسيٰ بابت اظهار

(متي 16:13-20، لوقا 9:18-21)

27 پوءِ عيسيٰ ۽ سندس شاگرد قيصريہ فلپي شهر
جي ويجهن ڳوٺن ڏانهن ويا. رستي تي هن شاگردن
کان پڇيو تہ ”ماڻهو منهنجي لاءِ ڇا ٿا چون تہ آءٌ
ڪير آهيان؟“ 28 انهن وراڻيو تہ ”ڪي ماڻهو چون
ٿا تہ اوهين يحيٰ بپتسما ڏيڻ وارا آهيو، ڪي چون
ٿا تہ الياس نبي آهيو ۽ ٻيا وري چون ٿا تہ ٻين نبين
مان ڪوبہ هڪ آهيو.“ 29 پوءِ عيسيٰ وري پڇين تہ
”اوهين منهنجي لاءِ ڇا ٿا چئو تہ آءٌ ڪير آهيان؟“
تنهن تي پطرس جواب ڏنس تہ ”اوهين مسيح آهيو.“
30 تڏهن عيسيٰ کين تاڪيد ڪندي چيو تہ ”اهو
ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائجو.“

## عيسيٰ جو پنهنجي ڏک ۽ موت بابت ٻڌائڻ

(متي 16:21-28، لوقا 9:22-27)

31 عيسيٰ پنهنجي شاگردن کي تعليم ڏيندي چيو
تہ ”ابن‌آدم لاءِ ضروري آهي تہ هو گهڻيون سختيون
سهي، سردار ڪاهنن، شريعت جي عالمن ۽ يهودي
ڪائونسل جي ٻين چڱن مڙسن کان رد ڪيو وڃي،
ماريو وڃي ۽ ٽئين ڏينهن تي وري جيئرو ٿي اُٿي.“
32 عيسيٰ هي ڳالهيون کولي کولي چيون. تنهن
تي پطرس کيس پاسيرو وٺي ويو ۽ جهڻڪ ڏيندي
چيائينس تہ ”خداوند! اهڙيون ڳالهيون چو ٿا ڪريو.“
33 عيسيٰ ڦري شاگردن ڏانهن منهن ڪري پطرس کي
جهڻڪيو تہ ”اي شيطان! منهنجي اکين اڳيان ٽري
وڃ، ڇالاءِجو تون خدا وانگر نہ پر عام ماڻهن وانگر
سوچين ٿو.“

34 پوءِ عيسيٰ ميڙ کي پنهنجي شاگردن سميت
ويجهو اچڻ لاءِ سڏيو ۽ چيو تہ ”جيڪڏهن ڪو
منهنجي پٺيان هلڻ گهُري ٿو، تہ اهو پنهنجي خوديءَ
کي ماري ۽ پنهنجو صليب کڻي منهنجي پٺيان
هلي. 35 ڇالاءِجو جيڪو چاهي ٿو تہ پنهنجي جان
بچائي سو اها وڃائيندو، پر جيڪو منهنجي واسطي
۽ منهنجي خوشخبريءَ جي واسطي پنهنجي جان
وڃائيندو سو اها بچائيندو. 36 ڀلا، ڪنهن ماڻهوءَ
کي انهيءَ مان ڪهڙو فائدو ٿيندو جو هو سڄي دنيا
تہ هٿ ڪري پر پنهنجي جان وڃائي ڇڏي؟ 37 ماڻهو
ڪجهہ بہ ڏيئي پنهنجي جان وري حاصل ڪري نہ
ٿو سگهي. 38 جيڪڏهن ڪو هن بي‌ايمان ۽ بڇڙي
زماني ۾ مون کان ۽ منهنجي تعليم کان شرمائيندو تہ
ابن‌آدم بہ ان کان شرمائيندو، جڏهن هو پنهنجي پيءُ
جي جلوي ۾ پاڪ ملائڪن سان گڏ ايندو.“
9 1 عيسيٰ کين وڌيڪ چيو تہ ”آءٌ اوهان کي سچ
ٿو چوان تہ هتي ڪي اهڙا شخص بہ بيٺل آهن
جيڪي جيستائين خدا جي بادشاهيءَ کي قدرت سان
ايندي نہ ڏسندا، تيستائين هرگز موت جو ذائقو نہ
چکندا.“

## عيسيٰ جو نوراني صورت ۾ بدلجي پوڻ

(متي 17:1-13، لوقا 9:28-36)

2 ڇهن ڏينهن کان پوءِ عيسيٰ پاڻ سان گڏ پطرس،
يعقوب ۽ يوحنا کي هڪ مٿاهين جبل تي نويڪلائيءَ
۾ وٺي ويو. تڏهن انهن جي ڏسندي ڏسندي عيسيٰ
جي صورت بدلجي پيئي. 3 سندس پوشاڪ اهڙي
سفيد تجليدار ٿي پيئي جو دنيا جو ڪوبہ ڌوٻي پوشاڪ
کي اهڙو سفيد ڪري نہ سگهي. 4 پوءِ انهن موسيٰ
۽ الياس نبيءَ کي ڏٺو، جيڪي عيسيٰ سان ڳالهيون

---

8:28 مر 6:14-15، لو 9:7-8    8:29 يو 6:68-69    8:34 مت 10:38، لو 14:27

8:35 مت 10:39، لو 17:33، يو 12:25    9:2-7 2.پط 1:17-18

ڪري رهيا هئا. 5 تنهن تي پطرس عيسيٰ کي چيو
تہ ”استاد! اها اسان جي خوشنصيبي آهي جو اسين
هتي آهيون. اسين هتي ٽي تنبو ٿا کوڙيون هڪ اوهان
لاءِ، هڪ موسيٰ لاءِ ۽ هڪ الياس لاءِ.“ 6 پطرس کي
خبر نہ پئي پوي تہ هو ڇا پيو چوي، ڇوتہ هو ۽ ٻيا
شاگرد ڏاڍا ڊڄي ويا هئا. 7 ايتري ۾ هڪڙي ڪڪر
اچي انهن کي ڍڪيو ۽ انهيءَ ڪڪر مان هڪ آواز
آيو تہ ”هي منهنجو هڪڙو ئي پيارو فرزند آهي.
سو هن جي ڏيان سان ٻڌو.“ 8 هنن جلدي هيڏانهن
هوڏانهن نهاريو، پر ڪين عيسيٰ کان سواءِ اتي ٻيو
ڪوبہ نظر نہ آيو.

9 پوءِ جڏهن هو جبل تان هيٺ پئي لٿا تہ عيسيٰ
کين تاڪيد ڪيو تہ ”جيڪي ڪجهہ ڏٺو اٿوَ، سو
تيستائين ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائجو جيستائين ابنِآدم
موت کان پوءِ وري جيئرو نہ ٿئي.“ 10 انهن عيسيٰ
جو حڪم تہ مڃيو پر پاڻ ۾ هن معاملي تي بحث ڪرڻ
لڳا تہ ”موت کان پوءِ جيئرو ٿيڻ جو مطلب ڇا آهي؟“
11 تڏهن شاگردن کانئس پڇيو تہ ”شريعت جا عالم
ڇو ٿا چون تہ مسيح جي اچڻ کان پهريائين الياس نبيءَ
جو اچڻ ضروري آهي؟“ 12 تنهن تي عيسيٰ چين تہ
”برابر، اهو پهريائين ايندو ۽ ماڻهن کي بحال ڪندو.
تڏهن بہ پاڪ لکتن ۾ ڇا هيئن بہ لکيل نہ آهي تہ
ابنِآدم گهڻيون سختيون سهندو ۽ ذڪاريو ويندو؟ 13 آءٌ
اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ الياس اچي چڪو، پر ماڻهن
کي جيئن وڻيو تيئن ئي ساڻس سلوڪ ڪيائون، جيئن
هن بابت پاڪ لکتن ۾ اڳڪٿي ڪيل آهي.“

### ڇوڪر مان ڀوت ڪڍڻ

(متي 17:14-21، لوقا 9:37-43)

14 جڏهن عيسيٰ پنهنجي ٽنهي شاگردن سان گڏ
ٻين شاگردن ڏانهن موٽي اچي رهيو هو تڏهن ڏٺائين
تہ انهن جي چوڌاري ماڻهن جو هڪ وڏو ميڙ لڳو
پيو آهي ۽ شريعت جا ڪي عالم انهن سان بحث
ڪري رهيا آهن. 15 عيسيٰ کي ايندو ڏسندي ئي سڀ
ماڻهو خوشيءَ وچان ”واه! واه!“ ڪرڻ لڳا ۽ ڊوڙي
وڃي سندس آڌرڀاءُ ڪيائون. 16 عيسيٰ انهيءَ ميڙ
کان پڇيو تہ ”اوهين منهنجي شاگردن سان ڪهڙيءَ
ڳالهہ تي بحث ڪري رهيا آهيو؟“ 17 تنهن تي ميڙ
مان هڪڙي ماڻهوءَ وراڻيو تہ ”اي استاد! مون پنهنجو
پٽ اوهان وٽ آندو آهي، ڇالاءِجو منجهس هڪ ڀوت
آهي جنهن ڪري ڳالهائي بہ نہ ٿو سگهي. 18 جڏهن
بہ ڀوت وٺيس ٿو تہ کيس پٽ تي ڪيرائي ٿو ۽ وات
مان گَگ ڪڍيس ٿو. ان وقت هو ڏند ڪرٽي ٿو ۽ بدن
بہ سيٽجي سيخ ٿي وڃيس ٿو. مون اوهان جي شاگردن
کي چيو تہ ’هن مان اهو ڀوت ڪڍو.‘ پر اهي ڪڍي
نہ سگهيا.“ 19 عيسيٰ چيو تہ ”اي بيِيقين قوم! آءٌ
اوهان سان ڪيستائين هوندس ۽ ڪيستائين آءٌ اوهان
جون ڳالهيون برداشت ڪندس؟ هاڻي ڇوڪري کي
مون وٽ آندو وڃي.“ 20 انهن ڇوڪري کي وٽس
آندو. عيسيٰ کي ڏسندي ئي ڀوت ڇوڪري کي ڏاڍو
جهنجهوڙيو ۽ ڇوڪرو پٽ تي ڪري ليٽڙڻ لڳو ۽ وات
مان گَگ پئي وهيس. 21 عيسيٰ ڇوڪري جي پيءُ کان
پڇيو تہ ”ڪيتري عرصي کان هن جو هي حال آهي؟“
هُن جواب ڏنو تہ ”ننڍي هوندي کان ئي وٺي. 22 ڀوت
ڇوڪري کي مارڻ جي ڪوشش بہ پئي ڪئي آهي،
ڇوتہ ڪيترائي دفعا کيس باهہ ۽ پاڻيءَ ۾ اڇلايو
اٿس. هاڻي اسان تي ڪو رحم ڪريو ۽ اسان جي مدد
ڪريو جيڪڏهن اوهين ڪري سگهو ٿا.“ 23 عيسيٰ
هن کي چيو تہ ”تنهنجي لفظن، ’جيڪڏهن اوهين
ڪري سگهو ٿا،‘ جو مطلب ڇا آهي؟ ياد رک، جيڪو
بہ خدا تي ايمان آڻي ٿو تنهن لاءِ سڀ ڪجهہ ٿي
سگهي ٿو.“ 24 تنهن تي ڇوڪري جي پيءُ هڪدم

---

7:9 مت 17:3، مر 1:11، لو 3:22 11:9 ملا 4:5، مت 14:11

واکو ڪري چيو تہ ”آءٌ ايمان آڻيان ٿو، پر جيڪڏهن
منهنجو ايمان ڪامل نہ آهي تہ بہ مدد ڪريو.“
25 عيسيٰ ڏٺو تہ ميڙ پيڙ ڪندو ٿو اچي، سو پوت
کي حڪم ڏنائين تہ ”اي ٻوڙا ۽ گونگا پوت! آءٌ تو
کي حڪم ٿو ڏيان تہ ڇوڪري مان هڪدم نڪري وڃ
۽ وري ڪڏهن بہ موٽي نہ اچجانءِ.“ 26 تنهن تي
پوت رڙيون ڪري ڇوڪري کي ڏاڍو جهنجهوڙيو ۽
منجهانئس نڪري ويو. تڏهن ڇوڪرو مُردي جهڙو
ٿي پيو ۽ گهڻن تہ ائين پئي سمجهيو تہ هو مري ويو
آهي. 27 پر عيسيٰ کيس هٿ کان وٺي اُٿاريو تہ هو
اُٿي کڙو ٿيو.

28 جڏهن عيسيٰ گهر پهتو تہ سندس شاگردن
اڪيلائيءَ ۾ پڇيس تہ ”اسين هن پوت کي ڇو ڪين
ڪڍي سگهياسين؟“ 29 عيسيٰ وراڻيو تہ ”اهڙي قسم
جي پوت کي دعا کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ نموني ڪڍي
نہ سگهبو آهي.“

### ٻيو دفعو پنهنجي موت بابت ٻڌائڻ

(متي 17:22-23، لوقا 9:43-45)

30 هو اتان اُٿي هليا ۽ گليل منجهان گذري ويا.
عيسيٰ جي مرضي نہ هئي تہ سندس اچڻ جي ڪنهن
کي بہ خبر پوي، 31 ڇالاءِجو هو پنهنجي شاگردن
کي تعليم ڏني پئي تہ ”ابنآدم ماڻهن جي حوالي ڪيو
ويندو، جيڪي کيس ماريندا ۽ ٽئين ڏينهن تي هو وري
جيئرو ٿي اٿندو.“ 32 پر اهي مسيح جي انهيءَ ڳالهہ
جو مطلب سمجهي نہ سگهيا ۽ ڪانئس پڇڻ کان بہ
ڊنا ٿي.

### وڏو ڪير؟

(متي 18:1-5، لوقا 9:46-48)

33 اهي ڪفرناحوم شهر ۾ آيا. پوءِ جڏهن عيسيٰ
پنهنجي شاگردن سان گڏ هڪڙي گهر ۾ پهتو تڏهن
کانئن پڇيائين تہ ”رستي تي اوهان ڪهڙي ڳالهہ
تي بحث پئي ڪيو؟“ 34 پر هنن ڪجهہ ئي ڪين،
ڇالاءِجو رستي تي هنن پاڻ ۾ هن ڳالهہ تي بحث
پئي ڪيو تہ منجهن سڀ کان وڏو ڪير آهي. 35 تڏهن
عيسيٰ ويهي رهيو ۽ ٻارهن ئي شاگردن کي سڏي
چيائين تہ ”جيڪڏهن ڪو اڳيان ٿيڻ چاهي، تہ هو
سڀني کان پويان ٿئي ۽ سڀني جو خادم ٿئي.“ 36 پوءِ
هن انهن جي اڳيان هڪڙو ٻار کڻي بيهاريو ۽ کيس
ڀاڪر پائي شاگردن کي چيائين تہ 37 ”جيڪو منهنجي
ڪري هنن ٻارن مان ڪنهن بہ هڪڙي کي قبول ٿو
ڪري، تنهن ڄڻ مون کي قبول ڪيو ۽ جنهن مون کي
قبول ڪيو، تنهن نہ رڳو مون کي بلڪ خدا کي بہ
قبول ڪيو جنهن مون کي موڪليو آهي.“

### مخالف ۽ طرفدار ڪير؟

(لوقا 9:49-50)

38 پوءِ يوحنا عيسيٰ کي چيو تہ ”اي استاد! اسان
هڪ اهڙو ماڻهو ڏٺو، جيڪو اوهان جي نالي تي پوت
ڪڍي رهيو هو. اسان هن کي منع ڪئي، ڇالاءِجو
هو اسان جي ٽولي مان نہ هو.“ 39 تنهن تي عيسيٰ
چين تہ ”هن کي منع نہ ڪريو، ڇالاءِجو اهڙو ڪوبہ
ماڻهو ڪونهي جيڪو منهنجي نالي تي معجزو ڪري
۽ پوءِ جلد ئي منهنجي گلا ڪري سگهي. 40 جيڪو
بہ اسان جي خلاف نہ آهي سو اسان سان آهي. 41 آءٌ
اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ جيڪو اوهان کي پاڻيءَ جو

---

34:9 لو 22:24 — 35:9 مت 20:26-27، 23:11، مر 10:43-44، لو 22:26

37:9 مت 10:40، لو 10:16، يو 13:20 — 40:9 مت 12:30، لو 11:23 — 41:9 مت 10:42

پيالو انھيءَ لاءِ ٿو پياري تہ اوھين مسيح جا آھيو،
تنھن کي پنھنجو اجر ضرور ملندو.“

### گمراھہ ڪرڻ واري لاءِ سزا

(متي 18:6-9، لوقا 17:1-2)

42 ”انھن سادن سڀاجھن پوئلڳن جن جو مون تي
ايمان آھي، تن مان ڪنھن ھڪ کي بہ جيڪڏھن ڪو
گمراھہ ڪندو، تنھن لاءِ وڌيڪ سٺو ائين ٿيندو جو
سندس ڳچيءَ ۾ جنڊ جو ڳرو پُڙ وجھي کيس سمنڊ
۾ اڇلايو وڃي. 43–44 جيڪڏھن تنھنجو ھٿ تو کي
گمراھہ ڪري، تہ پنھنجو اھو ھٿ ڪپي ڇڏ، ڇوتہ
ٻنھي ھٿن سان جھنم جي ھميشہ ٻرندڙ باھہ ۾ پوڻ
کان اھو بھتر آھي تہ ٽُنڊي ھٿ سان دائمي زندگيءَ
۾ داخل ٿئين.[l] 45–46 جيڪڏھن تنھنجو پير تو کي
گمراھہ ڪري تہ اھو پير ڪپي ڇڏ، ڇوتہ جھنم ۾
ٻنھي پيرن سان داخل ٿيڻ کان اھو بھتر آھي تہ دائمي
زندگيءَ ۾ منڊو وڃين.[m] 47 جيڪڏھن تنھنجي اک تو
کي گمراھہ ڪري تہ اھا اک ڪڍي ڇڏ، ڇوتہ ھڪ اکين
سان جھنم ۾ پوڻ کان اھو بھتر آھي تہ تون ڪاڻو ٿي
خدا جي بادشاھيءَ ۾ داخل ٿئين. 48 ڇالاءِجو جھنمين
کي ڪينئان ھميشہ کائيندا رھن ٿا ۽ اتي باھہ ھميشہ
ٻرندي رھي ٿي.
49 ھر ماڻھو باھہ سان پاڪ صاف ڪيو ويندو،
جھڙيءَ طرح قرباني لوڻ سان پاڪ صاف ڪئي وڃي
ٿي.
50 سو لوڻ چڱي شيءِ آھي، پر جيڪڏھن انھيءَ
مان لوڻياڻ ئي نڪري وڃي تہ پوءِ ان کي ڇا سان
وري لوڻياٺو ڪري سگھبو؟ تنھنڪري پاڻ ۾ لوڻ واري
خاصيت رکو ۽ ھڪٻئي سان صلح ۾ رھو.“

### طلاق خلاف ڇتاءُ

(متي 19:1-12، لوقا 16:18)

10 1 عيسيٰ اتان روانو ٿي اردن درياءَ جي ٻيءَ
پر يھوديہ جي حدن ۾ آيو. وري بہ ماڻھن
جا ميڙ ھن وٽ گڏ ٿيڻ لڳا ۽ پنھنجي دستور موجب
ھو انھن کي تعليم ڏيڻ لڳو. 2 تڏھن ڪي فريسي
وٽس آيا ۽ کيس آزمائڻ خاطر سوال پڇيائون تہ ”ٻڌاءِ
تہ ڪنھن بہ ماڻھوءَ کي پنھنجي زال کي طلاق ڏيڻ
جائز آھي يا نہ؟“ 3 عيسيٰ جواب ۾ پڇين تہ ”موسيٰ
اوھان کي ڪھڙو حڪم ڏنو آھي؟“ 4 انھن چيو تہ
”موسيٰ اجازت ڏني آھي تہ طلاقنامو لکي ڏيئي
کيس ڪڍي سگھجي ٿو.“ 5 عيسيٰ چيو تہ ”موسيٰ
اوھان کي ھي حڪم انھيءَ لاءِ ڏنو، ڇالاءِجو ھن کي
اوھان جي سختدليءَ جي خبر ھئي. 6 پر دنيا جي
خلقت کان وٺي خدا ھنن کي نر ۽ مادي ڪري پيدا
ڪيو آھي. 7 پاڪ لکت ۾ آھي تہ ’تنھنڪري مرد
پنھنجي ماءُپيءُ کي ڇڏي پنھنجيءَ زال سان گڏجي
رھندو، 8 ۽ ٻہ جسم گڏجي ھڪ ٿي ويندا.‘ پوءِ اھي
ٻہ نہ، پر ھڪ آھن. 9 سو جن کي خدا ملايو آھي تن
کي ماڻھو جدا نہ ڪري.“

---

[l] ڪن ترجمن ۾ ھي بہ شامل آھي: ”ڇالاءِجو جھنمين کي ڪينئان ھميشہ کائيندا رھن ٿا ۽ اتي باھہ ھميشہ ٻرندي رھي ٿي“ (ڏسو 9:48).

[m] ڪن ترجمن ۾ ھي بہ شامل آھي: ”ڇالاءِجو جھنمين کي ڪينئان ھميشہ کائيندا رھن ٿا ۽ اتي باھہ ھميشہ ٻرندي رھي ٿي“ (ڏسو 9:48).

9:43 مت 5:30    9:47 مت 5:29    9:48 يس 66:24    9:50 مت 5:13، لو 14:34-35

10:4 شر 24:1-4، مت 5:31    10:6 پيد 1:27، 5:2    10:7-8 پيد 2:24

10 پوءِ جڏهن هو گهر موٽي آيا ته شاگردن عيسيٰ
کان ان بابت پڇيو. 11 عيسيٰ کين وراڻيو ته ”جيڪو
ماڻهو پنهنجي زال کي طلاق ڏيئي ٻي زال پرڻجي ٿو،
سو ڄڻ زنا ٿو ڪري، 12 ۽ اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪا
زال پنهنجي مڙس کان طلاق وٺي ڪنهن ٻئي سان
پرڻجي ٿي، سا زال به ڄڻ زنا ٿي ڪرائي.“

### ننڍڙن ٻارن جي اهميت

(متي 19:13-15، لوقا 18:15-17)

13 ڪن ماڻهن ننڍڙا ٻار عيسيٰ وٽ آندا ته هو انهن
تي هٿ رکي، پر شاگردن انهن کي ڇينڀيو. 14 جڏهن
عيسيٰ اهو ڏٺو ته ڪاوڙجي پيو ۽ پنهنجي شاگردن
کي چيائين ته ”ٻارن کي نه جهليو، انهن کي مون
وٽ اچڻ ڏيو، ڇالاءِجو خدا جي بادشاهي اهڙن جي
ئي آهي. 15 آءٌ اوهان کي سچ ٿو چوان ته جيستائين
ڪو خدا جي بادشاهيءَ کي هڪ ننڍي ٻار وانگر ٿي
قبول نه ڪندو، تيستائين اهو ان ۾ داخل نه ٿيندو.“
16 پوءِ هن ٻارن کي هنج ۾ کڻي انهن جي مٿان هٿ
رکيو ۽ کين دعا ڪيائين.

### خدا جي بادشاهي ۽ شاهوڪار ماڻهو

(متي 19:16-30، لوقا 18:18-30)

17 عيسيٰ جڏهن رستي سان ويو پئي ته هڪڙو
ماڻهو ڊڪندو وٽس آيو ۽ سندس آڏو گوڏا کوڙي
پڇيائينس ته ”اي نيڪ استاد! آءٌ ڇا ڪريان جو دائمي
زندگي حاصل ڪريان؟“ 18 عيسيٰ چيس ته ”تون مون
کي نيڪ ڇو ٿو سڏين؟ خدا کان سواءِ ٻيو ڪوبه نيڪ
نه آهي. 19 باقي تو کي حڪمن جي ته خبر آهي
ته ’خون نه ڪر،‘ ’زنا نه ڪر،‘ ’چوري نه ڪر،‘
’ڪوڙي شاهدي نه ڏي،‘ ’ٺڳي نه ڪر‘ ۽ ’پنهنجي
ماءُپيءُ جي عزت ڪر.‘“ 20 تنهن تي انهيءَ ماڻهوءَ
جواب ڏنو ته ”استاد! انهن سڀني حڪمن تي ته آءٌ
ننڍي هوندي کان ئي عمل ڪندو ٿو رهان.“ 21 تڏهن
عيسيٰ هن کي چتائي ڏٺو ۽ ساڻس پيار ڪيو ۽
چيائينس ته ”تو ۾ اجا هڪڙي گهٽتائي آهي. سو
وڃ ۽ وڃي پنهنجي سموري ملڪيت وڪڻي اُهي پيسا
غريبن ۾ خيرات ڪر. تڏهن خدا وٽ تو کي خزانو
ملندو. سو خيرات ڪرڻ کان پوءِ اچي منهنجو پوئلڳ
ٿيءُ.“ 22 جيئن ته هو وڏو شاهوڪار ماڻهو هو، سو
هن ڳالهه تي سندس منهن لهي ويو ۽ ڏک وچان هليو
ويو.
23 تڏهن عيسيٰ چوڌاري نهاريندي پنهنجي
شاگردن کي چيو ته ”شاهوڪار ماڻهن جو خدا جي
بادشاهيءَ ۾ داخل ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.“ 24 هنن
لفظن تي شاگرد حيران ٿي ويا. سو عيسيٰ هنن کي
وري چيو ته ”اي منهنجا ٻارؤ! خدا جي بادشاهيءَ ۾
داخل ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. 25 اُٺ جو سئيءَ جي ناڪي
مان لنگهڻ سولو آهي، پر شاهوڪار ماڻهوءَ جو خدا
جي بادشاهيءَ ۾ داخل ٿيڻ اولو آهي.“ 26 تنهن تي
شاگرد وڌيڪ حيران ٿي ويا ۽ هڪٻئي کي چوڻ لڳا
ته ”پوءِ ڪير بچي سگهندو؟“ 27 عيسيٰ انهن ڏانهن
چتائي ڏٺو ۽ چيائين ته ”اها ڳالهه انسان جي وس
کان ٻاهر آهي، پر خدا جي وس کان نه، ڇالاءِجو خدا
هر شيءِ تي قادر آهي.“
28 تڏهن پطرس چيس ته ”ڏسو، اسان ته سڀ
ڪجهه ڇڏي اوهان جي پٺيان لڳا آهيون.“ 29 تنهن
تي عيسيٰ چيو ته ”برابر، پر آءٌ اوهان کي هيءَ ڳالهه
ٻڌايان ٿو ته جيڪو به منهنجي ۽ منهنجي خوشخبريءَ
جي ڪري پنهنجو گهر، ڀائر، ڀينرون، ماءُپيءُ، ٻار
يا ٻنيون ڇڏيندو، 30 ته ان کي هن ئي دنيا ۾ گهڻو
ڪجهه ملندو، جيئن ته سؤڻا گهر، ڀائر، ڀينرون،
مائرون، ٻار ۽ ٻنيون. پر اهي ڏکن سان ملنديون.

---

12-11:10 مت 5:32، 1.ڪر 7:10-11 15:10 مت 18:3 19:10 خر 20:12-16، شر 5:16-20

انھيءَ ڪان سواءِ ايندڙ دنيا ۾ ڪيس دائمي زندگي
بہ ملندي. 31 پر ڪيترائي جيڪي ھاڻي اڳيان آھن
سي پويان ٿيندا ۽ ڪيترائي جيڪي ھاڻي پويان آھن
سي اڳيان ٿيندا. "

## ٽيون دفعو پنھنجي موت بابت ٻڌائڻ

(متي 20:17-19، لوقا 18:31-34)

32 عيسيٰ ۽ سندس شاگرد يروشلم ڏانھن رستو
وٺيو پئي ويا ۽ ھو شاگردن جي اڳيان ھلي رھيو
ھو. اوڏانھن ويندي سندس شاگرد ڏاڍا پريشان ھئا ۽
جيڪي ماڻھو سندن پٺيان پئي آيا سي وري ڊنل ھئا.
سو ھڪ دفعو وري عيسيٰ ٻارھن ئي شاگردن کي
ھڪ پاسي وٺي ويو ۽ جيڪي ڳالھيون ساڻس ٿيڻيون
ھيون سي سڀ کين ٻڌائڻ لڳو. 33 عيسيٰ چين تہ
"ڏسو، ھاڻي اسين يروشلم ڏانھن ھلي رھيا آھيون،
جتي ابن‌آدم سردار ڪاھنن ۽ شريعت جي عالمن جي
حوالي ڪيو ويندو. اھي مٿس موت جي فتويٰ جاري
ڪندا ۽ کيس غير قوم وارن جي حوالي ڪندا. 34 اھي
مٿس ٺٺوليون ڪندا، کيس ٿڪون ۽ ڪوڙا ھڻندا ۽ قتل
ڪري ڇڏيندا. پر ٽئين ڏينھن تي ھو وري جيئرو ٿي
اٿندو."

## يعقوب ۽ يوحنا جو عرض

(متي 20:20-28)

35 تڏھن زبديءَ جي پٽن يعقوب ۽ يوحنا عيسيٰ جي
ويجھو اچي کيس چيو تہ "اي استاد! اسين چاھيون
ٿا تہ اوھين اسان جي لاءِ ڪجھہ ڪريو." 36 عيسيٰ
انھن کي چيو تہ "اوھين مون کان پنھنجي لاءِ ڇا
ٿا ڪرائڻ گھرو؟" 37 انھن چيو تہ "اسين چاھيون ٿا
تہ جڏھن اوھين وڏي شان وَ شوڪت سان پنھنجي
شاھي تخت تي ويھو تڏھن اسان کي اجازت ڏجو تہ
ھڪڙو اوھان جي ساڄي ۽ ٻيو اوھان جي کاٻي پاسي
ويھي." 38 عيسيٰ انھن کي چيو تہ "اوھين نہ ٿا
ڄاڻو تہ اوھين ڇا گھُري رھيا آھيو. ڇا اوھين اُھو
پيالو پي سگھندا جيڪو مون کي پيئڻو آھي؟ يا وري
اھا بپتسما وٺي سگھندا جيڪا مون کي وٺڻي آھي؟"
39 انھن چيو تہ "ھائو ائين ڪري سگھون ٿا." تنھن
تي عيسيٰ انھن کي چيو تہ "بيشڪ اوھين بہ اھو
پيالو پيئندا جيڪو مون کي پيئڻو آھي ۽ اوھين بہ
اھا بپتسما وٺندا جيڪا مون کي وٺڻي آھي. 40 پر
منھنجي ساڄي ۽ کاٻي پاسي ويھارڻ، اھو منھنجي
اختيار ۾ نہ آھي، بلڪ انھن جڳھن تي انھن کي
ئي ويھاريو ويندو جن جي لاءِ اھي تيار ڪيون ويون
آھن."

41 جڏھن ٻين ڏھن شاگردن اھا ڳالھہ ٻڌي تہ اھي
يعقوب ۽ يوحنا تي ڪاوڙيا. 42 عيسيٰ انھن سيني
کي پاڻ وٽ سڏيو ۽ چيو تہ "اوھان کي خبر آھي
تہ قومن جا سردار ۽ امير جيڪي ماڻھن تي حڪم ٿا
ھلائين سي ماڻھن کي زبردستيءَ پنھنجي ھٿ وس
رکن ٿا. 43 پر اوھان ۾ ائين نہ آھي. اوھان ۾ جيڪو
وڏو ٿيڻ چاھي تہ اھو اوھان جو خادم ٿئي، 44 ۽
جيڪو اوھان ۾ اڳيان ٿيڻ گھُري تہ اھو سيني جو
غلام ٿئي. 45 ڇالاءِجو ابن‌آدم بہ انھيءَ لاءِ نہ آيو
آھي تہ ٻيا سندس خدمت ڪن، بلڪ ھو پاڻ ٻين جي
خدمت ڪرڻ ۽ گھڻن جي ڇوٽڪاري واسطي پنھنجي
جان قربان ڪرڻ لاءِ آيو آھي."

---

10:31 مت 20:16، لو 13:30 — 10:38 لو 12:50 — 10:42-43 لو 22:25-26

10:43-44 مت 23:11، مر 9:35، لو 22:26

### انڌي بارتمائيءَ کي سجهو ڪرڻ

(متي 20:29-34، لوقا 18:35-43)

46 پوءِ اهي يريحو شهر ۾ آيا. عيسيٰ جڏهن
پنهنجي شاگردن ۽ ماڻهن جي هڪ وڏي ميڙ سان
شهر مان نڪري رهيو هو ته رستي تي هڪ انڌو فقير
پني رهيو هو، جنهن جو نالو بارتمائي هو، جيڪو
تمائيءَ جو پٽ هو. 47 جڏهن هن ٻڌو ته عيسيٰ
ناصري لنگهي رهيو آهي تڏهن هو رڙيون ڪري چوڻ
لڳو ته ”اي عيسيٰ، ابن دائود! مون تي رحم ڪريو.“
48 ڪيترن ئي هن کي ڇڙٻ ڏيئي چيو ته ”ماٺ ڪر.“
پر هن تيئن وڌي ڏاڍيون رڙيون ڪري چيو ته ”اي ابن
دائود! مون تي رحم ڪريو.“ 49 تنهن تي عيسيٰ بيهي
رهيو ۽ چيائين ته ”هن کي سڏ ڪريو.“ سو انهن
انڌي ماڻهوءَ کي سڏيو ۽ چيائونس ته ”تسلي ڪر،
هو تو کي سڏي رهيو آهي. اُٿي هل.“ 50 تڏهن
هو پنهنجي چادر اتي ئي ڦٽي ڪري ٽپ ڏيئي اٿيو
۽ عيسيٰ وٽ آيو. 51 عيسيٰ پڇيس ته ”تون ڇا ٿو
چاهين جيڪو آءٌ تنهنجي لاءِ ڪريان؟“ انڌي وراڻيس
ته ”اي سائين! آءٌ چاهيان ٿو ته مون کي وري ديد
ملي.“ 52 عيسيٰ چيس ته ”وڃ، تنهنجي ايمان تو
کي سجهو ڪيو آهي.“ تڏهن هو هڪدم ڏسڻ وائسڻ
لڳو ۽ عيسيٰ جي پٺيان رستو وٺي هليو.

### يروشلم ۾ شان سان داخل ٿيڻ

(متي 21:1-11، لوقا 19:28-40، يوحنا 12:12-19)

11 1 جڏهن عيسيٰ پنهنجي شاگردن سميت
يروشلم جي ويجهو زيتون جي ٽڪر تي
بيتفگاه ۽ بيتعنياه ڳوٺن وٽ پهتو، تڏهن هن
پنهنجي ٻن شاگردن کي چيو ته 2 ”سامهون واري
ڳوٺ ۾ وڃو. اوهين جيئن ئي ان ڳوٺ ۾ پهچندا
ته اُتي هڪ ڪوڏڙو ٻڌل ڏسندا، جنهن تي اڃا ڪنهن
به سواري نه ڪئي آهي. اوهين انهيءَ کي ڇوڙي
هيڏانهن ڪاهي اچو. 3 جيڪڏهن ڪوبه توهان کان
پڇي ته ’اهو ڇو ٿا ڇوڙيو؟‘ تڏهن کيس چئجو ته
’استاد کي انهيءَ جي ضرورت آهي ۽ جلد ئي هو
واپس ڏياري موڪليندو.‘“ 4 سو هو روانا ٿي ويا
۽ هڪڙي گهٽيءَ ۾ دروازي جي ٻاهران ڪوڏڙو ٻڌل
ڏٺائون. جيئن ئي ان کي ڇوڙيائون پئي 5 ته اُتي بيٺل
ماڻهن مان ڪن انهن کي چيو ته ”هي ڇا ٿا ڪريو ۽
ڪوڏڙي کي ڇو ٿا ڇوڙيو؟“ 6 تنهن تي انهن کين اهو
ئي جواب ڏنو جيڪو عيسيٰ چيو هين. تڏهن انهن
اهو ڪاهي وڃڻ ڏنن.

7 شاگردن اهو ڪوڏڙو ڪاهي عيسيٰ وٽ آندو ۽
انهيءَ تي پنهنجيون چادرون وڌائون، پوءِ عيسيٰ ان
تي چڙهي ويٺو. 8 ڪيترائي ماڻهو پنهنجيون چادرون
عيسيٰ جي اڳيان رستي تي وڇائيندا ٿي رهيا ۽ ڪن
وري ٻنين مان گاهه ۽ وڻن جون ٽاميون ڀڃي آڻي پئي
وڇايون. 9 جيڪي ماڻهو عيسيٰ جي اڳيان ۽ پٺيان پئي
هليا تن وڏي واڪي پئي چيو ته

”[n]خدا جي واکاڻ هجي،
سڀاڳو آهي اهو جيڪو خداوند جي نالي تي ٿو
اچي.
10 سڀاڳي آهي اسان جي ابي دائود جي گهراڻي
جي ايندڙ بادشاهي.
عرش عظيم تي خدا جي واکاڻ هجي.“

---

11.9[n] خدا جي واکاڻ هجي: اصلي مسودي ۾ هتي عبراني لفظ ”هوشعنا“ استعمال ٿيل آهي، جڏهن ته گذريل دور ۾ انهيءَ جو مطلب ”اسان کي بچاءِ“ ورتو ويندو هو، پر يسوع مسيح جي دور ۾ اهو مهما جي نعري طور استعمال ڪيو ٿي ويو (ڏسو آيت 10 پڻ).

9:11 زب 118:25-26

11 عيسيٰ يروشلم ۾ داخل ٿي هيڪل ۾ ويو، جتي
چوڌاري نظر ڦيرائي هر هڪ شيءِ کي ڏٺائين. پر
جيئن تہ ڏينهن ڪافي لڙي چڪو هو، تنهنڪري هو
پنهنجي ٻارهن شاگردن سان گڏ بيت‌عنياه ڏانهن هليو
ويو.

## انجير جي وڻ کي پاراتو ڏيڻ

(متي 21:18-19)

12 ٻئي ڏينهن تي جڏهن هو بيت‌عنياه کان موٽي
رهيا هئا تہ رستي تي عيسيٰ کي بک لڳي. 13 هن
پري کان هڪ انجير جو وڻ ڏٺو، جيڪو ڏاڍو سرسبز
هو. انهيءَ ڪري هو اُن وڻ ۾ انجير ڳولڻ ويو تہ
شايد ڪجهہ ملي سگهي. پر هو اچي ڏسي تہ وڻ
۾ رڳو پن ئي پن آهن، ڇاڪاڻ‌تہ انجيرن جي مند نہ
هئي. 14 تنهن تي عيسيٰ انجير جي وڻ کي چيو تہ
”اڄ کان پوءِ وري ڪڏهن بہ ڪو تو مان انجير نہ
لهندو.“ سندس شاگردن اهو ٻڌي ورتو.

## واپارين کي هيڪل مان ڌڪي ڪڍڻ

(متي 21:12-17، لوقا 19:45-48، يوحنا 2:13-22)

15 جڏهن اُهي يروشلم ۾ پهتا تہ عيسيٰ هيڪل ۾
ويو ۽ اُتي اڱڻ ۾ جيڪي ماڻهو واپار ۽ ڏيتي‌ليتيءَ ۾
رُڌل هئا، تن کي اتان ڌڪي ڪڍڻ لڳو ۽ پيسا مٽائي
هيڪل جا سڪا ڏيڻ وارن جا صندل ۽ ڪبوتر وڪڻڻ
وارن جون صندليون اونڌيون ڪري ڇڏيائين، 16 هن
ڪنهن کي بہ هيڪل مان سامان کڻي وڃڻ نہ ڏنو.
17 پوءِ عيسيٰ ماڻهن کي تعليم ڏيندي چيو تہ ”ڇا
پاڪ لکتن ۾ خدا اهو نہ فرمايو آهي تہ ’منهنجو
گهر سڀني قومن لاءِ دعا وارو گهر سڏبو. پر اوهان
ان کي ڌاڙيلن جو اڏو بڻايو آهي.‘“

18 سردار ڪاهنن ۽ شريعت جي عالمن جڏهن اهو
ٻڌو تڏهن هو موقعي جي تاڙ ۾ رهڻ لڳا تہ ڪهڙي
طريقي سان عيسيٰ کي مارجي، ڇالاءِجو هو عيسيٰ
کان انهيءَ ڪري ڊڄن پيا جو سڄي خلق هن جي تعليم
تي حيران هئي.
19 جڏهن شام ٿي تہ عيسيٰ ۽ سندس شاگرد شهر
مان نڪري هليا ويا.

## پاراتي ڏنل انجير جي وڻ مان سبق

(متي 21:20-22)

20 ٻئي ڏينهن صبح جو سوير جيئن ئي هو يروشلم
ڏانهن پئي آيا تہ رستي تي انهن اُهو انجير جو وڻ
ڏٺو، جيڪو هاڻي چوٽيءَ کان وٺي پاڙ تائين سڪي
ويو هو. 21 تنهن تي پطرس کي اُها ڳالهہ ياد پئي
۽ عيسيٰ کي چيائين تہ ”اي استاد! انجير جي جنهن
وڻ کي توهان پاراتو ڏنو هو، سو سڪي ويو آهي.“
22 عيسيٰ انهن کي چيو تہ ”خدا تي پورو ايمان رکو.
23 آءٌ اوهان کي سچ ٿو چوان تہ جيڪڏهن ڪنهن جي
دل ۾ شڪ نہ آهي ۽ يقين اٿس تہ ’جيئن آءٌ چوان
ٿو ائين ٿيندو،‘ تہ پوءِ جيڪڏهن هو هن جبل کي
بہ چوندو تہ ’پنهنجي جاءِ تان هٽي وڃي سمنڊ ۾
ڪر‘ تہ اهو بہ وڃي سمنڊ ۾ ڪرندو. 24 تنهنڪري
آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ جيڪا شيءِ اوهين دعا
۾ گهرو ٿا تنهن لاءِ يقين ڪريو تہ اها اوهان کي
ملي ويئي آهي. تڏهن ئي اها اوهان کي ملندي.
25–26 جڏهن بہ اوهين دعا گهرو، تڏهن جي اوهان
جو ڪنهن تي رنج آهي تہ اُن کي معاف ڪري ڇڏيو،

11:17 يس 56:7، ير 7:11 — 11:23 مت 17:20، 1.ڪر 13:2 — 11:25-26 مت 6:14-15

تہ جيئن اوهان جو پيءُ جيڪو آسمان ۾ آهي سو بہ
اوهان جا گناهہ اوهان کي معاف ڪري ڇڏي.”o

## عيسيٰ جي اختياريءَ بابت سوال

(متي 21:23-27، لوقا 20:1-8)

27 پوءِ عيسيٰ پنهنجي شاگردن سان گڏ يروشلم
۾ پهتو. جڏهن هو هيڪل ۾ گهميو پئي تہ سردار
ڪاهن، شريعت جا عالم ۽ يهودي ڪائونسل جا ٻيا
چڱا مڙس وٽس آيا 28 ۽ پڇيائونس تہ “تون ڪهڙي
اختياريءَ سان هي ڪم ڪرين ٿو؟ تو کي انهن ڪمن
جي اختياري ڪنهن ڏني آهي؟” 29 تنهن تي عيسيٰ
انهن کي جواب ڏنو تہ “آءٌ بہ اوهان کان هڪ سوال
ٿو پڇان ۽ جيڪڏهن اوهان مون کي جواب ڏنو تہ آءٌ بہ
اوهان کي ٻڌائيندس تہ ڪهڙي اختياريءَ سان آءٌ هي
ڪم ڪريان ٿو. 30 مون کي ٻڌايو تہ يحيٰ جي ٻپتسما
ڪنهن جي طرفان هئي، خدا جي طرفان يا ماڻهن جي
طرفان؟” 31 تنهن تي اُهي پاڻ ۾ بحث ڪرڻ لڳا تہ
“ڇا چئون؟ جيڪڏهن جواب ۾ چئون ٿا تہ ‘خدا جي
طرفان،’ تہ پوءِ عيسيٰ پڇندو تہ ‘پوءِ اوهان يحيٰ جي
ڳالهين تي ڇو يقين نہ ڪيو؟’ 32 جڏهن تہ ڪُليو ڪُلايو
ائين بہ نہ ٿا چئي سگهون تہ ‘ماڻهن جي طرفان.’”
انهيءَ جو سبب هي هو جو ماڻهن کان ڪين ڊپ ٿي
ٿيو، ڇوتہ ماڻهو يحيٰ کي سچو نبي ڪري مڃين پيا.
33 تنهنڪري انهن عيسيٰ کي جواب ڏنو تہ “اسان
کي خبر نہ آهي.” تنهن تي عيسيٰ انهن کي چيو تہ
“آءٌ بہ نہ ٻڌائيندس تہ ڪهڙي اختياريءَ سان آءٌ هي
ڪم ڪريان ٿو.”

## بي‌ايمان ٺيڪيدارن جو مثال

(متي 21:33-46، لوقا 20:9-19)

# 12

1 پوءِ عيسيٰ ڪائونسل جي انهن چڱن
مڙسن سان مثالن ۾ ڳالهائڻ لڳو ۽ چيائين
تہ “ڪنهن ماڻهوءَ انگورن جو هڪ باغ لڳايو.
انهيءَ جي چوڌاري لوڙهو ڏنائين. رس پيڙي ڪيڻ
لاءِ هڪ حوض ٺهرايائين ۽ پهري لاءِ هڪڙو ٺُلهہ بہ
ٺهرايائين. پوءِ اهو باغ ڪن باغائين کي ٺيڪي تي
ڏيئي پاڻ ڪنهن ٻئي ملڪ ڏانهن هليو ويو. 2 جڏهن
انگورن لهڻ جي مند آئي تہ هن انهن ٺيڪيدارن ڏانهن
پنهنجو هڪڙو نوڪر موڪليو تہ انگورن جو ڀاڱو وٺي
اچي. 3 پر ٺيڪيدارن انهيءَ نوڪر کي پڪڙي مار ڏني
۽ کيس خالي هٿين موٽائي ڇڏيو. 4 تنهن تي هن انهن
ڏانهن وري ٻيو نوڪر موڪليو. ٺيڪيدارن ان نوڪر جو
بہ مٿو ڦاڙي وڌو ۽ جنيون ڪري موڪلي ڇڏيائونس.
5 مالڪ وري ٽيون نوڪر موڪليو تہ انهن هن کي
ماري وڌو. پوءِ هن ٻيا ڪيترائي ماڻهو موڪليا، جن
مان ڪن کي مار ڏنائون تہ ڪن کي اڦٽ ماري وڌائون.
6 هاڻي باقي وچي سڪيلڌو پٽ بچيو هوس. تنهن
کي سڀني کان پوءِ ٺيڪيدارن ڏانهن موڪليائين، جو
پڪ هيس تہ هو انهيءَ جو لحاظ ڪندا. 7 پر انهن
ٺيڪيدارن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ ‘هي مالڪ جو اڪيلو
وارث آهي، اچو تہ هن کي ماري ڇڏيون تہ پوءِ
ملڪيت ئي اسان جي ٿي پوندي.’ 8 پوءِ انهن هن کي
پڪڙي ماري وڌو ۽ سندس لاش کي باغ جي ٻاهران
اڇلائي ڇڏيائون.”
9 پوءِ عيسيٰ پڇين تہ “هاڻي سوچو تہ انگورن جي
باغ جو مالڪ ڇا ڪندو؟ هاڻ تہ هو پاڻ ايندو ۽ انهن

oڪن ترجمن ۾ هي بہ شامل آهي: “جيڪڏهن اوهين ٻين کي معاف نہ ڪندا، تہ اوهان جو پيءُ جيڪو آسمان ۾ آهي سو بہ اوهان جا گناهہ معاف نہ ڪندو” (ڏسو متي 6:15).

12:1 يس 5:1-2

سيني کي ناس ڪري ڇڏيندو. پوءِ هو انگورن جي
باغ جو ٺيڪو ٻين ٺيڪيدارن کي ڏيئي ڇڏيندو. [10] ڇا
اوهان پاڪ لکت ۾ هي نہ پڙهيو آهي تہ
'جنهن پٿر کي رازن رد ڪري ڇڏيو هو،
سو ئي پيڙهہ جو پٿر ٿيو آهي.
اهو خداوند جي طرفان ڪيو ويو آهي،
اها اسان لاءِ ڪهڙي نہ عجيب ڳالهہ آهي!' "
[12] تنهن تي يهودين جي اڳواڻن عيسيٰ کي گرفتار
ڪرڻ چاهيو، ڇاڪاڻ تہ اهي ڄاڻن پيا تہ هي مثال
عيسيٰ انهن جي خلاف ٻڌايو آهي. پر انهن کي ماڻهن
کان ڊپ بہ ٿيو پئي، تنهنڪري هو کيس ڇڏي هليا
ويا.

## محصول ڏيڻ بابت سوال

(متي 22:15-22، لوقا 20:20-26)

[13] پوءِ يهودين جي انهن اڳواڻن ڪي فريسي ۽
ڪي هيروديس جا ماڻهو عيسيٰ ڏانهن موڪليا، تہ
جيئن اهي کيس ڳالهائڻ ۾ ڦاسائين. [14] اُهي هن وٽ
آيا ۽ چيائونس تہ "اي استاد! اسان کي خبر آهي تہ
اوهين سچا آهيو ۽ ڪنهن جي پرواهہ ڪانہ ٿا ڪريو.
اوهين ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي ظاهري ڏيک‌ويک تي
ڌيان نہ ٿا ڏيو، بلڪ سچائيءَ سان خدا جو رستو ٿا
ڏيکاريو. سو اسان کي ٻڌايو تہ رومي شهنشاهہ
قيصر کي محصول ڏيڻ اسان لاءِ جائز آهي يا نہ؟
اسين اُن کي محصول ڏيون يا نہ؟" [15] عيسيٰ انهن
جي چالاڪيءَ کي سمجهي ويو، سو کين چيائين تہ
"اوهين مون کي ڦاسائڻ جي ڪوشش ڇو ٿا ڪريو؟
چڱو ڀلا، هڪڙو چانديءَ جو سڪو ڪٽي اچي مون کي
ڏيکاريو." [16] اهي چانديءَ جو سڪو وٺي آيا،
تڏهن عيسيٰ پڇين تہ "هيءَ مُهر ۽ هي اکر ڪنهن
جا آهن؟" انهن جواب ڏنو تہ "قيصر جا." [17] تڏهن
عيسيٰ کين چيو تہ "ٺيڪ آهي، جيڪي قيصر جو
آهي سو قيصر کي ڏيو ۽ جيڪي خدا جو آهي سو
خدا کي ڏيو." عيسيٰ جو اهو جواب ٻڌي کين ڏاڍو
عجب لڳو.

## مرڻ کان پوءِ جيئري ٿيڻ بابت سوال

(متي 22:23-33، لوقا 20:27-40)

[18] پوءِ صدوقي، جن جو عقيدو آهي تہ موت
کان پوءِ ماڻهو جيئرا نہ ٿيندا، تن مان ڪي عيسيٰ
وٽ آيا [19] ۽ چيائونس تہ "اي استاد! اسان جي لاءِ
موسيٰ فرمايو آهي تہ 'جيڪڏهن ڪو ماڻهو زال ڇڏي
بي‌اولاد مري وڃي تہ هن جو ڀاءُ ان جي رنزال پرڻجي،
تہ جيئن پنهنجي ڀاءُ لاءِ اولاد پيدا ڪري.' [20] هڪڙا
ست ڀائر هئا، پهرين شادي ڪئي ۽ بي‌اولاد مري ويو.
[21] تڏهن ٻئي ان جي رنزال سان شادي ڪئي ۽ اهو
بہ بي‌اولاد مري ويو ۽ ٽئين بہ ساڳيءَ طرح اُن سان
شادي ڪئي. [22] اهڙيءَ طرح ستن ئي ڀائرن ساڻس
شادي ڪئي ۽ بي‌اولاد مري ويا. آخرڪار اُها عورت
بہ مري ويئي. [23] هاڻي ٻڌايو تہ جڏهن قيامت ٿيندي
۽ سڀيئي جيئرا ٿي اٿندا تہ اُها عورت ڪنهن جي
زال ٿيندي، ڇالاءِجو ستن ئي هن سان شادي ڪئي
هئي؟"
[24] عيسيٰ انهن کي چيو تہ "اوهين ڪيڏا نہ ڀليل
آهيو، جو نہ پاڪ لکتون ٿا ڄاڻو ۽ نڪي وري خدا جي
قدرت. [25] ڇالاءِجو مري ويل جڏهن جيئرا ٿي اٿندا
تڏهن اُهي نہ پرڻبا ۽ نڪي پرڻائبا، بلڪ جيئن آسمان
۾ ملائڪ آهن تيئن اهي بہ هوندا. [26] مري ويلن جي
جيئري ٿي اٿڻ بابت اوهان موسيٰ جي ڪتاب ۾ ٻرندڙ
ٻوٽي واري بيان ۾ ڪين پڙهيو آهي ڇا تہ ڪيئن خدا
موسيٰ سان ڳالهايو ۽ چيائينس تہ 'آءٌ ابراهيم جو
خدا، اسحاق جو خدا ۽ يعقوب جو خدا آهيان.' [27] ان

---

12:10-11 زب 118:22-23   12:18 رس 23:8   12:19 شر 25:5   12:26 خر 3:6

جو مطلب آهي تہ هو مئلن جو خدا نہ، بلڪ جيئرن
جو خدا آهي. سو اوهين تہ سخت ڀليل آهيو."

## سڀ کان وڏو حڪم

(متي 22:34-40، لوقا 10:25-28)

28 انهيءَ وقت شريعت جو هڪڙو عالم اتي آيو ۽
هنن کي بحث ڪندو ڏسي چاڙهي ورتائين تہ عيسيٰ
صدوقين کي سٺو جواب ڏنو آهي. تڏهن عيسيٰ
کان پڇيائين تہ "سڀني حڪمن کان وڏو حڪم ڪهڙو
آهي؟" 29 تنهن تي عيسيٰ وراڻيو تہ "پهريون وڏو
حڪم هي آهي تہ 'اي بني اسرائيل! ٻڌ، خداوند
اسان جو خدا هڪڙو ئي خداوند آهي. 30 تون خداوند
پنهنجي خدا کي پنهنجي پوريءَ دل، پنهنجي پوريءَ
جان، پنهنجي پوري سمجهہ ۽ پنهنجي پوريءَ طاقت
سان پيار ڪر.' 31 ٻيو حڪم هي آهي تہ 'تون پنهنجي
پاڙيسريءَ سان پاڻ جهڙو پيار ڪر.' انهن ٻنهي
حڪمن کان وڏو ٻيو ڪوبہ حڪم ڪونهي."
32 تنهن تي شريعت جي انهيءَ عالم عيسيٰ کي
چيو تہ "اي استاد! واہ جي ڳالهہ ڪئي اٿوَ. بيشڪ
خدا هڪڙو ئي آهي ۽ انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ
ڪونهي. 33 سو ضروري آهي تہ انسان انهيءَ کي
ئي پوري دل، پوري سمجهہ ۽ پوريءَ طاقت سان پيار
ڪري ۽ پنهنجي پاڙيسريءَ سان بہ پاڻ جهڙو پيار
ڪري. اهو جانورن جي قرباني ڪرڻ يا قربانگاهہ تي
خدا جي خدمت ۾ ٻيون شيون نذر ڪرڻ کان بہ وڌيڪ
سٺو آهي."
34 عيسيٰ ڏٺو تہ هن سياڻپ جو جواب ڏنو آهي.
تنهنڪري کيس چيائين تہ "تون خدا جي بادشاهيءَ
کان پري نہ آهين."

انهيءَ کان پوءِ ڪنهن کي بہ همت نہ ٿي جو
عيسيٰ کان ڪو ٻيو سوال پڇي سگهي.

## مسيح بابت سوال

(متي 22:41-46، لوقا 20:41-44)

35 پوءِ عيسيٰ جڏهن هيڪل ۾ تعليم پئي ڏني تہ
هن هڪ سوال ڪيو تہ "شريعت جا عالم ڪيئن ٿا
چون تہ 'مسيح دائود جو اولاد آهي'؟ 36 دائود تہ
پاڻ پاڪ روح جي هدايت تي چيو هو تہ
'خدا منهنجي خداوند کي چيو تہ
"تون منهنجي ساڄي پاسي ويهہ،
جيستائين آءٌ تنهنجي دشمنن کي
تنهنجي پيرن هيٺان نہ ڪريان."'
37 سو جيڪڏهن دائود پاڻ مسيح کي 'خداوند'
ڪري ٿو سڏي، تہ پوءِ مسيح ڪيئن سندس اولاد ٿي
سگهي ٿو؟"
عيسيٰ جون اهي ڳالهيون سڄيءَ خلق خوشيءَ سان
پئي ٻڌيون.

## شريعت جي عالمن خلاف چتاءُ

(متي 23:1-36، لوقا 20:45-47)

38 عيسيٰ ماڻهن کي تعليم ڏيندي وڌيڪ چيو تہ
"شريعت جي عالمن کان هوشيار ٿجو، جيڪي ڊگها
ڊگها جبا پائي گهمڻ پسند ڪن ٿا. اهي چاهين ٿا تہ
بازارن ۾ ماڻهو کين سلامي ٿين. 39 هو عبادتخانن
توڙي دعوتن ۾ اعليٰ درجي وارين جاين تي ويهڻ پسند
ڪن ٿا. 40 اهي رنن‌زالن جا گهر لٽي ڦُري ٿا ڇڏين ۽
ماڻهن جي ڏيکاءَ لاءِ ڊگهيون ڊگهيون دعائون گهرن
ٿا. انهن کي تہ ٻين کان بہ وڌيڪ سزا ملندي."

---

12:28-34 لو 10:25-28　12:29-30 شر 6:4-5　12:31 لاو 19:18　12:32 شر 4:35
12:33 هوس 6:6　12:36 زب 110:1

### رنزال جو چندو ڏيڻ

(لوقا 21:1-4)

41 پوءِ عيسيٰ هيڪل ۾ چندي واري پيتيءَ جي
پرسان ويهي رهيو ۽ جاچڻ لڳو تہ ڪيئن ماڻهو اُن
پيتيءَ ۾ پيسا وجهن ٿا. هن ڏٺو تہ ڪي دولتمند
ان ۾ گهڻا پيسا وجهي رهيا هئا. 42 ايتري ۾ هڪ
غريب رنزال آئي جنهن بہ ننڍڙا سڪا اچي پيتيءَ ۾
وڌا. 43 تڏهن عيسيٰ پنهنجي شاگردن کي پاڻ وٽ
سڏي چيو تہ ”آءٌ اوهان کي سچ ٿو چوان تہ چندي
جي پيتيءَ ۾ هن غريب رنزال سڀني کان وڌيڪ چندو
وڌو آهي. 44 ڇالاءِجو ٻين، جيڪي پنهنجي گهرج
کان وڌيڪ هون تنهن مان پيتيءَ ۾ وڌو آهي، پر هن
رنزال پنهنجي غربت مان بہ جيڪو هٿ ۾ هوس سو
سڀ وڌائين ۽ هاڻي زندگي گذارڻ لاءِ وٽس ڪجهہ بہ
نہ رهيو آهي.“

### هيڪل جي بربادي بابت اڳڪٿي

(متي 24:1-2، لوقا 21:5-6)

13 1 عيسيٰ جڏهن هيڪل مان ٻاهر نڪتو پئي
تہ سندس شاگردن مان هڪڙي چيس تہ
”اي استاد! ڏسو تہ هي ڪيڏا نہ سهڻا پٿر ۽ ڪيڏيون
نہ خوبصورت عمارتون آهن!“ 2 تنهن تي عيسيٰ
چيس تہ ”تون جيڪي هي وڏيون عمارتون ڏسين ٿو،
تن جو ڪو پٿر پٿر تي نہ رهندو جيڪو ڊاٺو نہ ويندو.“

### تڪليفون ۽ تباهيون

(متي 24:3-14، لوقا 21:7-19)

3 پوءِ عيسيٰ جڏهن هيڪل جي سامهون زيتون جي
ٽڪر تي ويٺو هو تڏهن پطرس، يعقوب، يوحنا ۽
اندرياس هن سان نويڪلائيءَ ۾ اچي مليا. 4 انهن
پڇيس تہ ”اسان کي ٻڌايو تہ اهي ڳالهيون ڪڏهن
ٿينديون ۽ هنن واقعن ٿيڻ لاءِ ڪهڙي نشاني ٿيندي،
جنهن مان خبر پوي تہ برابر وقت اچي پهتو آهي؟“
5 تنهن تي عيسيٰ انهن کي چوڻ لڳو تہ ”هوشيار
ٿجو، متان ڪو اوهان کي ٺڳي نہ وڃي، 6 ڇوتہ
ڪيترائي منهنجي نالي سان ايندا ۽ پاڻ کي مسيح
سڏائي ڪيترن ئي ماڻهن کي ٺڳيندا. 7 جڏهن اوهين
ويجهو ۽ پري وارين جنگين جون ڳالهيون ٻڌو تڏهن نہ
گهٻرائجو. اهي ڳالهيون ٿينديون ضرور، پر اها اجا
پڇاڙي نہ آهي. 8 قوم، قوم سان وڙهندي ۽ بادشاهت،
بادشاهت تي چڙهائي ڪندي. ڪيترن ئي هنڌن تي
زلزلا ايندا ۽ ڏڪار پوندا. اهي ڳالهيون تہ مصيبتن
جي شروعات هونديون.
9–10 سڀني قومن ۾ پهريائين خدا جي بادشاهيءَ
جي خوشخبريءَ جي منادي ضرور ڪئي ويندي. سو
اوهان کي پنهنجي هوشياري ڪرڻ کپي، ڇالاءِجو
اوهان کي گرفتار ڪري ڪورٽن ۾ پيش ڪيو ويندو
۽ عبادتخانن ۾ اوهان کي مارڪُٽ ڪئي ويندي.
منهنجي ڪري اوهان کي حاڪمن ۽ بادشاهن جي
اڳيان پيش ڪيو ويندو. اتي اوهين اها خوشخبري
ٻڌائيندا. 11 جڏهن هو اوهان کي گرفتار ڪري
ڪورٽن ۾ پيش ڪن تہ وقت کان اڳي اها ڳڻتي نہ
ڪجو تہ اوهان کي ڇا چوڻو آهي. جيڪي اوهان کي
چوڻو هوندو سو انهيءَ مهل پاڻهي اوهان کي ٻڌايو
ويندو، ڇالاءِجو جيڪي لفظ اوهين ڳالهائيندا اُهي
اوهان جا نہ پر پاڪ روح جا هوندا. 12 ڀائر ڀينر هڪ
ٻئي کي مارائڻ لاءِ ۽ ماءُپيءُ پنهنجي اولاد کي مارائڻ
لاءِ گرفتار ڪرائيندا. اولاد پنهنجي ماءُپيءُ جي خلاف
اُٿي کڙو ٿيندو ۽ کين مارائي ڇڏيندو. 13 منهنجي نالي
جي ڪري هر ڪو اوهان سان دشمني رکندو، پر اوهان

13:9-11 مت 10:17-20، لو 12:11-12    13:13 مت 22:10

مان جيڪو توڙ تائين ثابت‌قدم رهندو سو ئي ڇوٽڪارو
حاصل ڪندو. "

### دهشتناڪ وقت

(متي 24:15-28، لوقا 21:20-24)

14 "جڏهن اوهين 'بربادي آڻيندڙ مڪروهه شيءِ'
کي [p]اُتي رکيل ڏسو جتي اهڙي شيءِ رکيل نه هئڻ
گهرجي (جيڪو هي پڙهي سو ضرور ان بابت سمجهڻ
جي ڪوشش ڪري)، تڏهن يهوديه جي پوري علائقي
وارا جبلن ڏانهن ڀڄي وڃن. 15 جيڪو ماڻهو گهر جي
ڇت تي هجي سو پاڻ سان ڪا شيءِ ڪٽي نڪرڻ لاءِ
لهي پنهنجي گهر ۾ وڃي وقت نه وڃائي، 16 ۽ جيڪو
ماڻهو ٻنيءَ ۾ هجي سو به گهر ڏانهن ڪپڙا ڪڻڻ لاءِ
نه موٽي. 17 انهن ڏينهن ۾ جيڪي عورتون پيٽ سان
هونديون، يا جن کي ٿڃ ڌائيندڙ ٻار هوندا، تن لاءِ
ڪيڏي نه مصيبت ٿيندي. 18 خدا کان دعا گهرو ته
شل اهي ڳالهيون سياري ۾ نه ٿين. 19 جيڪا مصيبت
انهن ڏينهن ۾ ايندي سا ايڏي ته وڏي هوندي جو خدا
جي دنيا پيدا ڪرڻ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين نه ڪا آئي
آهي ۽ نه وري ڪڏهن ايندي. 20 خداوند جيڪڏهن
انهن ڏينهن جو مدو نه گهٽائي ها، ته جيڪر ڪوبه
بچي نه سگهي ها. پر هن پنهنجي چونڊيلن جي
ڪري انهن ڏينهن جو مدو گهٽائي ڇڏيو.
21 ان وقت جيڪڏهن ڪو اوهان کي چوي ته
'ڏسو، مسيح هيڏانهن آهي' يا چوي ته 'ڏسو، مسيح
هوڏانهن آهي' ته ان تي يقين نه ڪجو. 22 ڇالاءِجو
اهڙا ڪوڙا ماڻهو ظاهر ٿيندا جيڪي پاڻ کي مسيح يا
نبي سڏائيندا. اهي نشانيون ڏيکاريندا ۽ حيرت جهڙا
ڪم ڪندا، انهيءَ مقصد لاءِ ته جيڪڏهن ڪائن ٿي
سگهي ته خدا جي چونڊيلن کي به گمراهه ڪري
ڇڏين. 23 تنهنڪري هوشيار ٿجو. ڏسو، مون اوهان
کي هر ڳالهه وقت کان اڳي ئي ٻڌائي ڇڏي آهي. "

### ابن‌آدم جو اچڻ

(متي 24:29-31، لوقا 21:25-28)

24 عيسيٰ وڌيڪ چيو ته "انهن ڏينهن ۾ مٿين
مصيبتن کان پوءِ سج ڪاراٽجي ويندو ۽ چنڊ پنهنجي
روشني وڃائي ويهندو. 25 تارا آسمان مان ڪرندا ۽
آسماني طاقتون لُڏي وينديون. 26 تڏهن ابن‌آدم ڪڪرن
۾ وڏيءَ قدرت ۽ شان وَ شوڪت سان ايندي ظاهر
ٿيندو. 27 پوءِ هو ملائڪن کي هر طرف موڪليندو،
ته جيئن اهي ڌرتيءَ جي هڪ ڇيڙي کان وٺي ٻئي
ڇيڙي تائين خدا جي چونڊيل ماڻهن کي آڻي گڏ ڪن. "

### انجير جي وڻ مان سبق

(متي 24:32-35، لوقا 21:29-33)

28 "اوهين انجير جي وڻ مان سبق پرايو. جڏهن
هن جون ٽاريون ساوين ۽ نرم ٿين ٿيون ۽ انهن ۾ پن اچڻ
شروع ٿين ٿا، تڏهن اوهين سمجهو ٿا ته اونهارو آيو
کي آيو. 29 ساڳيءَ طرح اوهين جڏهن هي ڳالهيون
ٿينديون ڏسو، تڏهن ڄاڻجو ته اهو وقت اچي ويو آهي،
بلڪ ائين سمجهجو ته در تي اچي بيٺو آهي. 30 آءٌ
اوهان کي سچ ٿو چوان ته هن پيڙهيءَ جي هلندي
هلندي اِهي سڀ ڳالهيون پوريون ٿينديون. 31 زمين
۽ آسمان ٽري ويندا پر منهنجون ڳالهيون هرگز نه
ٽرنديون. "

---

[p]اُتي رکيل ڏسو: يعني مقدس هيڪل ۾.

14:13 دان 9:27، 11:31، 12:11 16-15:13 لو 17:31 19:13 دان 12:1، مڪا 7:14 24:13 يس 13:10، حز 32:7، يوا 2:10،31، 3:15، مڪا 6:12 25:13 يس 34:4، يوا 2:10، مڪا 6:13 26:13 دان 7:13، مڪا 1:7

## سجاڳ رهو

(متي 24:36-44)

32 عيسيٰ وڌيڪ چيو تہ "انهيءَ جي باوجود ڪوبہ نہ ٿو ڄاڻي تہ اهو ڏينهن ۽ اهو وقت ڪڏهن ايندو، نہ آسمان جي ملائڪن کي ۽ نہ فرزند کي خبر آهي، رڳو پيءُ ئي اهو ڄاڻي ٿو. 33 سو هوشيار ٿجو ۽ سجاڳ رهجو، ڇالاءِجو اوهان کي خبر نہ آهي تہ اهو وقت ڪڏهن ايندو. 34 اهو انهيءَ ماڻهوءَ وانگر آهي جيڪو پرديس تي ويو هجي ۽ گهر مان نڪرڻ مهل پنهنجي نوڪرن کي اختياري ڏيئي هر هڪ کي پنهنجو پنهنجو ڪم سونپي ويو هجي، بلڪ دربان کي بہ حڪم ڏيئي ويو هجي تہ 'سجاڳ رهجانءِ.' 35 تنهنڪري اوهين بہ سجاڳ رهجو، ڇالاءِجو اوهان کي خبر نہ آهي تہ گهر جو مالڪ ڪڏهن ايندو، الائجي سانجهيءَ جو يا اڌ رات جو يا ڪڪڙ جي ٻانگ ڏيڻ مهل يا صبح جو اچي. 36 ائين نہ ٿئي جو جڏهن هو اوچتو اچي تہ متان اوهان کي ستل ڏسي. 37 جيڪي آءٌ اوهان کي چوان ٿو سو ٻين سڀني کي بہ چوان ٿو تہ سجاڳ رهجو."

## عيسيٰ خلاف سازش

(متي 26:1-5، لوقا 22:1-2، يوحنا 11:45-53)

14 1 [q]فصح ۽ بيخميري مانيءَ جي عيد ٻن ڏينهن کان پوءِ اچڻي هئي. سردار ڪاهنن ۽ شريعت جي عالمن وجهہ پئي ڳوليو تہ اهي ڪهڙيءَ طرح عيسيٰ کي فريب سان قاسائي ختم ڪرائين. 2 پر چيائون تہ "عيد جي ڏينهن ائين نہ ڪريون، متان ماڻهن ۾ وڳوڙ پئجي وڃي."

## عيسيٰ تي عطر هارڻ

(متي 26:6-13، يوحنا 12:1-8)

3 عيسيٰ جڏهن بيتعنياہ ۾ ڪوڙهہ جهڙي مرض واري شمعون جي گهر ماني کاڌي پئي، تہ هڪڙي عورت سنگمرمر جي عطردانيءَ ۾ خالص جٽاماسيءَ جو قيمتي عطر کڻي آئي ۽ عطرداني ڀڃي عطر عيسيٰ جي مٿي تي هاريائين. 4 تڏهن اتي ويٺلن مان ڪي پنهنجي دل ۾ ڪاوڙيا ۽ چيائون تہ "هي عطر ڇو زيان ڪيو ويو؟ 5 اهو عطر ٽي سؤ [r]چانديءَ جي سڪن کان بہ وڌيڪ قيمت ۾ وڪامجي سگهيو ٿي ۽ اهي پيسا غريبن کي ڏجن ها." سو اُهي انهيءَ عورت کي سختيءَ سان ننڍڻ لڳا. 6 تنهن تي عيسيٰ کين چيو تہ "هن کي ڇو ٿا ستايو؟ کيس ڇڏي ڏيو. هن منهنجي لاءِ تمام سٺو ڪم ڪيو آهي. 7 غريب تہ اوهان وٽ هميشہ آهن، سو جڏهن بہ اوهان جي مرضي ٿئي تڏهن انهن سان نيڪي ڪري سگهو ٿا. پر آءٌ اوهان سان هميشہ نہ هوندس. 8 هن عورت کان جيڪو ڪجهہ ٿي سگهيو سو هن ڪيو. هن منهنجي دفن ٿيڻ کان اڳ ئي منهنجي جسم تي خوشبوءِ ڇڙڪائي آهي. 9 آءٌ اوهان کي سچ ٿو چوان تہ سڄيءَ دنيا ۾ جتي بہ خدا جي بادشاهيءَ جي خوشخبريءَ جي منادي ڪئي ويندي، اُتي هن عورت جي يادگيريءَ ۾ سندس ڪيل هن ڪم جو ذڪر بہ ڪيو ويندو."

---

[q]فصح ۽ بيخميري مانيءَ جي عيد: يهودي قوم وارا هيءَ عيد مصر جي غلاميءَ کان آزاد ٿيڻ جي ياد ۾ ملهائيندا آهن، جيڪا بيخميري مانيءَ واري عيد جي پهرين ڏينهن تي هوندي آهي (وڌيڪ تفصيل لاءِ "خاص لفظن جي سمجهاڻي" ڏسو).

[r]چانديءَ جي سڪن: انهن ڏينهن ۾ چانديءَ جو هڪ عام سڪو هڪڙي ڏينهن جي مزدوري هوندي هئي (ڏسو متي 20:2).

32:13 مت 36:24 — 34:13 لو 12:36-38 — 1:14 خر 12:1-27 — 3:14 لو 7:37-38 — 7:14 شر 11:15

### عيسيٰ خلاف يهوداه اسڪريوتيءَ جي سازش

(متي 26:14-16، لوقا 22:3-6)

[10] پوءِ عيسيٰ جي ٻارهن شاگردن مان يهوداه
اسڪريوتي سردار ڪاهنن وٽ ويو، انهيءَ لاءِ ته هو
عيسيٰ کي انهن جي حوالي ڪري. [11] يهوداه جي هن
ڳالهه تي اهي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ هن کي پيسن ڏيڻ جو
انجام ڪيائون. پوءِ هو موقعي جي تاڙ ۾ رهڻ لڳو
ته ڪهڙيءَ طرح عيسيٰ کي انهن جي حوالي ڪري.

### عيد فصح جي ماني کائڻ

(متي 26:17-30، لوقا 22:7-23، يوحنا
13:21-30، 1.ڪرنٿين 11:23-25)

[12] بيخميري مانيءَ جي عيد جي پهرين ڏينهن تي
جڏهن هنن عيد فصح جي قربانيءَ جي لاءِ گهيٽا پئي
ڪُٺا، تڏهن شاگردن عيسيٰ کان پڇيو ته ”اوهين عيد
فصح جي ماني ڪٿي کائڻ پسند ڪندءُ، ته جيئن اسين
وڃي تياري ڪريون؟“ [13] تنهن تي عيسيٰ پنهنجي ٻن
شاگردن کي اهو چئي موڪليو ته ”شهر ۾ وڃو. اتي
اوهين هڪڙو اهڙو ماڻهو ڏسندا، جنهن کي پاڻيءَ
جو دلو کنيل هوندو. اوهين انهيءَ جي پٺيان وڃجو.
[14] پوءِ جنهن گهر ۾ اهو ماڻهو گهڙي وڃي تنهن جي
مالڪ کي چئجو ته ’استاد چوي ٿو ته اهو مهمانخانو
ڪٿي آهي، جتي هو پنهنجي شاگردن سان گڏجي عيد
فصح جي ماني کائي؟‘ [15] تڏهن هو اوهان کي ماڙيءَ
تي سجائي تيار ڪيل هڪ وڏو ڪمرو ڏيکاريندو،
جتي اوهين اسان لاءِ عيد فصح جي مانيءَ جي تياري
ڪجو.“ [16] شاگرد جڏهن يروشلم شهر ۾ پهتا ته اتي
هر شيءِ ائين ئي ڏٺائون جيئن عيسيٰ کين ٻڌايو هو.
سو هنن اتي عيد فصح جي ماني کائڻ جي تياري
ڪئي.
[17] جڏهن شام ٿي ته عيسيٰ ٻارهن ئي شاگردن سان
گڏ اتي آيو. [18] پوءِ جڏهن اهي گڏجي دسترخوان تي
کائي رهيا هئا ته عيسيٰ چين ته ”آءٌ اوهان کي سچ ٿو
چوان ته اوهان مان هڪڙو مون کي پڪڙائيندو، جيڪو
مون سان گڏ کائي ٿو.“ [19] تنهن تي شاگرد ويچارا
غمگين ٿيا ۽ هڪٻئي پٺيان عيسيٰ کان پڇڻ لڳا ته
”پڪ سان اهو آءٌ نه هوندس.“ [20] عيسيٰ وراڻيو ته
”اُهو اوهان ٻارهن مان ئي آهي، جيڪو مون سان گڏ
ٿالهيءَ مان گرهه ٻوڙيندو آهي. [21] ابنآدم ته ائين ئي
مرندو، جيئن پاڪ لکتن ۾ اڳڪٿي ڪئي ويئي آهي.
پر حيف آهي انهيءَ تي جيڪو ابنآدم کي پڪڙائيندو.
انهيءَ ماڻهوءَ لاءِ اهو بهتر هو ته هو دنيا ۾ اصل
ڄائي ئي نه ها.“
[22] جڏهن اهي کائين پيا ته عيسيٰ ماني کڻي شڪر
ڪري ڀڳي ۽ شاگردن کي ڏيئي چيائين ته ”وٺو ۽
کائو، هي منهنجو بدن آهي.“ [23] پوءِ هن مئي جو
پيالو کڻي شڪر ڪري اهو ٻه کين ڏنو ۽ سڀني اُن
مان پيتو. [24] تڏهن عيسيٰ چيو ته ”اهو منهنجو رت
آهي، جيڪو گهڻن ئي جي لاءِ وهائجي ٿو، جنهن
سان خدا جو عهد ٻڌجي ٿو. [25] آءٌ اوهان کي سچ ٿو
چوان ته هن کان پوءِ آءٌ وري مئي نه پيئندس، بلڪ
خدا جي بادشاهيءَ ۾ نئين مئي ئي پيئندس.“ [26] پوءِ
انهن [S]زبور ڳايو ۽ زيتون جي ٽڪر ڏانهن هليا ويا.

### پطرس جي انڪار ڪرڻ بابت اڳڪٿي

(متي 26:31-35، لوقا 22:31-34، يوحنا 13:36-38)

[27] رستي تي عيسيٰ پنهنجي شاگردن کي چيو ته
”اوهين سڀيئي مون کي ڇڏي ڀڄي ويندا، ڇاڪاڻته

---

[S]زبور ڳايو: عيد فصح پوري ٿيڻ تي خدا جي واکاڻ طور ڪي خاص زبور ڳايا ويندا هئا.

18:14 زب 9:41    24:14 خر 8:24، يr 31:31-34    27:14 زڪ 7:13

پاڪ لکت ۾ خدا فرمايو آهي تہ 'آءٌ ريڍار کي
ماريندس ۽ رڍون ٽڙي پکڙي وينديون.' 28 تنهن
هوندي بہ آءٌ پنهنجي جيئري ٿيڻ کان پوءِ اوهان کان
اڳي ئي گليل ۾ وڃي پهچندس. " 29 تنهن تي پطرس
چيس تہ "توڙي جو ٻيا سڀ اوهان کي ڇڏي وڃن، پر
آءٌ اوهان کي ڪڏهن بہ ڇڏي نہ ويندس. " 30 عيسيٰ
پطرس کي چيو تہ "آءٌ تو کي سچ ٿو چوان تہ اڄ رات
ئي ڪڪڙ جي ٻہ دفعا ٻانگ ڏيڻ کان اڳ ۾ تون ٽي
دفعا مون کي سڃاڻڻ کان انڪار ڪندين. " 31 تڏهن
پطرس ڏاڍي جوش سان وراڻيس تہ "آءٌ ڪڏهن بہ نہ
چوندس تہ آءٌ اوهان کي نہ ٿو سڃاڻان، توڙي جو مون
کي اوهان سان گڏ مرڻو پوي. " ٻين سڀني بہ اهڙيءَ
طرح اقرار ڪيو.

## گتسمني باغ ۾ دعا گهرڻ

(متي 26:36-46، لوقا 22:39-46)

32 جڏهن اهي گتسمني نالي هڪ باغ ۾ آيا،
تڏهن عيسيٰ پنهنجي شاگردن کي چيو تہ "اوهين
هتي ويهي رهو تہ آءٌ دعا گهري اچان. " 33 پوءِ هن
پطرس، يعقوب ۽ يوحنا کي پاڻ سان ڪنيو. تڏهن
ڪيس سخت پريشاني ۽ بيقراري وٺي ويئي. 34 سو
هن کين ٻڌايو تہ "آءٌ ايترو تہ غمگين ٿي پيو آهيان
جو منهنجي دل ٽٽڻ تي آهي. سو اوهين هتي ترسو ۽
جاڳندا رهو. " 35 پوءِ عيسيٰ ٿورو پريرو وڃي پاڻ کي
زمين تي ڪيرائي دعا گهرڻ لڳو تہ "جيڪڏهن ٿي
سگهي تہ هيءَ ڏک جي گهڙي مون تان ٽاري وڃي. "
36 هن وڌيڪ چيو تہ "اي ابا! اي منهنجا بابا! تون
سڀ ڪجهہ ڪري سگهين ٿو، سو هي پيالو مون تان
ٽاري ڇڏ. تنهن هوندي بہ منهنجي نہ، بلڪ تنهنجي
مرضي پوري ٿئي. "

37 پوءِ هو موٽي آيو ۽ ڏٺائين تہ ٽيئي شاگرد سمهيا
پيا آهن. تڏهن هن پطرس کي سڏي چيو تہ "اي
شمعون! تو کي بہ ننڊ وٺي ويئي ڇا؟ ڇا تون هڪڙي
گهڙي بہ جاڳي نہ پيو سگهين؟ " 38 پوءِ ٽنهي کي
چيائين تہ "جاڳندا رهو ۽ دعا گهرندا رهو تہ شل
اوهين ڪنهن آزمائش ۾ نہ پئو. بيشڪ اوهان جي
دل تہ گهري ٿي پر اوهان ۾ ايتري طاقت ناهي. "

39 هو وري پريرو ويو ۽ اِئين ئي دعا گهريائين جيئن
اڳ ۾ گهُري هئائين. 40 پوءِ هن ٻيهر موٽي اچي ڏٺو
تہ شاگرد وري بہ ستا پيا آهن. کين ايتري تہ ننڊ ٿي
آئي جو اکيون بہ پٽي نہ پئي سگهيا، سو خبر ئي نہ
ٿي پيئي تہ کيس ڇا چون.

41 پر جڏهن هو ٽيون دفعو انهن وٽ موٽي آيو،
تڏهن چيائين تہ "ڇا اڃا تائين اوهين ننڊون ۽ آرام
پيا ڪندا؟ بس، اُها گهڙي اچي پهتي آهي. ڏسو،
ابنِ‌آدم گنهگارن جي حوالي ڪيو پيو وڃي. 42 اُٿو،
هلي ڏسو، جيڪو مون کي پڪڙائي رهيو آهي سو
ويجهو اچي پهتو آهي. "

## عيسيٰ جي گرفتاري

(متي 26:47-56، لوقا 22:47-53، يوحنا 18:3-12)

43 عيسيٰ اڃا ڳالهايو ئي پئي تہ سندس ٻارهن
شاگردن مان يهوداہ اسڪريوتيءَ نالي شاگرد ماڻهن
جي هڪڙي وڏي ٽولي سان گڏ آيو، جن کي هٿن
۾ تلوارون ۽ لٺيون هيون. انهن کي سردار ڪاهنن،
شريعت جي عالمن ۽ يهودي ڪائونسل جي ٻين ڇڳن
مڙسن موڪليو هو. 44 هن دغاباز انهن کي اها
نشاني سمجهائي هئي تہ "جنهن ماڻهوءَ کي آءٌ
چميان سو ئي عيسيٰ هوندو. انهيءَ کي پڪڙجو ۽
پهري هيٺ وٺي وڃجوس. "

---

28:14 مت 16:28

45 هو پهچڻ شرط سڌو عيسيٰ وٽ آيو ۽ اچي
”استاد! استاد!“ ڪري ڪيس چمي ڏنائين. 46 پوءِ
تہ هنن عيسيٰ کي جهلي قابو ڪيو. 47 تنهن تي
عيسيٰ جي پرسان بيٺلن مان هڪڙي شخص پنهنجي
تلوار ڪڍي وڏي سردار ڪاهن جي نوڪر کي هنئي
۽ سندس ڪن ڪپي وڌائين. 48 پوءِ عيسيٰ انهن کي
چيو تہ ”ڇا آءٌ ڌاڙيل هوس جو اوهين تلوارون
۽ لٺيون کڻي مون کي پڪڙڻ لاءِ آيا آهيو؟ 49 آءٌ تہ
روزانو اوهان وٽ هيڪل ۾ تعليم ڏيندو هوس پر ان
وقت تہ اوهان ڪڏهن بہ مون کي نہ پڪڙيو. پر هي
انهيءَ لاءِ ٿئي ٿو تہ جيئن پاڪ لکتن جي ڳالهہ پوري
ٿئي.“ 50 تڏهن سڀيئي شاگرد عيسيٰ کي ڇڏي ڀڄي
ويا.

51 عيسيٰ سان گڏ آيلن مان هڪڙو نوجوان جنهن
کي بدن تي رڳو چادر ويڙهيل هئي، تنهن کي انهن
چادر کان پڪڙي ورتو. 52 پر هو چادر ڇڏي اگهاڙو
ئي ڀڄي نڪتو.

## عيسيٰ يهودي ڪائونسل جي اڳيان

(متي 26:57-68، لوقا 22:54-55،
63-71، يوحنا 18:13-14،19-24)

53 پوءِ اهي عيسيٰ کي وڏي سردار ڪاهن جي
گهر وٺي آيا، جتي سردار ڪاهن، شريعت جا عالم ۽
يهودي ڪائونسل جا ٻيا سڀيئي ڇڱا مڙس گڏ ٿيندا ٿي
ويا. 54 هوڏانهن پطرس عيسيٰ جي ٿورو پنيان پنيان
ايندي وڏي سردار ڪاهن جي گهر جي اڱڻ ۾ اچي
پهتو. اُتي هو پهريدارن سان گڏ ويهي رهيو ۽ باهہ کي
باهہ تي سيڪڻ لڳو. 55 ان وقت سردار ڪاهنن بلڪ
يهودين جي سڄي ڪائونسل ڪوشش پئي ڪئي تہ
عيسيٰ جي خلاف ڪا شاهدي هٿ ڪري ڪيس موت
جي سزا ڏيارين، پر ڪين اهڙي ڪابہ شاهدي ملي
نہ سگهي، 56 ڇالاءِجو ڪيترن ئي ماڻهن عيسيٰ جي
خلاف ڪوڙيون شاهديون تہ ڏنيون، پر انهن شاهدين
پاڻ ۾ ميل نہ ٿي کاڌو.

57 پوءِ ڪي ماڻهو اُٿي بيٺا ۽ عيسيٰ تي هيءَ تهمت
هنيائون تہ 58 ”اسان هن کي هي چوندي ٻڌو آهي
تہ ’آءٌ ماڻهن جي ٺهيل هن هيڪل کي ڊاهيندس ۽
ٽن ڏينهن اندر اهڙو هيڪل ٺاهيندس جيڪو ماڻهن
جو ٺهيل نہ هوندو.‘“ 59 پر انهن جي هن شاهديءَ
بہ ميل نہ ٿي کاڌو.

60 تڏهن وڏو سردار ڪاهن اُٿي بيٺو ۽ سڀني جي
روبرو عيسيٰ کان پڇڻ لڳو تہ ”تون ڳالهائين ڇو نہ
ٿو؟ ڇا تو کي هنن جي الزامن جي جواب ۾ ڪجهہ
بہ چوڻو نہ آهي؟“ 61 پر عيسيٰ ماٺ ئي رهيو ۽
هڪ لفظ بہ نہ ڪڇيائين. وڏي سردار ڪاهن ڪانئس
پيهر پڇيو تہ ”ڇا تون ئي مسيح آهين، سڳوري خدا
جو فرزند؟“ 62 تنهن تي عيسيٰ وراڻيو تہ ”هائو، آءٌ
آهيان. اوهين ابن‌آدم کي خدا تعاليٰ جي ساڄي پاسي
ويٺل ۽ آسماني ڪڪرن ۾ ايندي ڏسندا.“ 63 تنهن
تي وڏي سردار ڪاهن پنهنجا ڪپڙا ڦاڙيندي چيو تہ
”بس! اسان کي وڌيڪ شاهدي نہ کپي. 64 هن جا
ڪفر وارا لفظ اوهان پاڻ ٻڌا آهن. سو هاڻي اوهان
جو ڪهڙو فيصلو آهي؟“ تنهن تي انهن سڀني فيصلو
ڏيندي چيو تہ ”هي موت جي سزا جي لائق آهي.“

65 پوءِ انهن مان ڪي عيسيٰ کي ٿڪون هڻڻ لڳا ۽
ڪي سندس اکيون ٻڌي ڪيس ٺونشا هڻڻ لڳا ۽ چونس
پيا تہ ”نبوت سان ٻڌاءِ تہ ڪنهن تو کي ڌڪ هنيو؟“
پهريدارن بہ ڪيس چماٽون هنيون.

---

49:14 لو 19:47، 37:21 58:14 يو 19:2 62:14 دان 13:7 64:14 لاو 16:24

## پطرس جو عيسيٰ بابت انڪار ڪرڻ

(متي 26:69-75، لوقا 22:56-62،
يوحنا 18:15-18،25-27)

66 هوڏانهن پطرس اجا اڳڻ ۾ ويٺو ئي هو تہ وڏي
سردار ڪاهن جي هڪ نوڪرياڻي اتي آئي. 67 هن
جڏهن پطرس کي باهہ تي پاڻ سيڪيندي ڏٺو تہ
ڏانهنس چتائي نهاريندي چيائينس تہ ”تون بہ تہ
عيسيٰ ناصريءَ سان گڏ هئين.“ 68 پر هن انڪار
ڪيو ۽ چيائينس تہ ”آءٌ نہ ٿو ڄاڻان ۽ نڪي سمجهان
ٿو تہ تون ڇا چئي رهي آهين.“ هو اهو جواب ڏيئي
ٻاهر ڏيڍيءَ ۾ هليو ويو تہ ايتري ۾ ڪڪڙ ٻانگ
ڏني. 69 انهيءَ نوڪرياڻيءَ جڏهن پطرس کي وري
ڏٺو تڏهن اُتي بيٺل ماڻهن کي چوڻ لڳي تہ ”هي
انهن مان هڪڙو آهي.“ 70 پر هن وري بہ انڪار
ڪيو. ٿوري دير کان پوءِ اُتي بيٺلن بہ پطرس کي
چيو تہ ”پڪ سان تون انهن مان ئي آهين، ڇوتہ تون
بہ گليلي پيو لڳين.“ 71 تنهن تي پطرس قسم کڻي
چيو تہ ”ڪوڙي تي خدا جي لعنت هجي، آءٌ تہ هن
ماڻهوءَ کي سڃاڻان ئي ڪونہ ٿو، جنهن جي اوهين
ڳالهہ ٿا ڪريو.“ 72 انهيءَ دم ڪڪڙ ٻيو دفعو ٻانگ
ڏني تڏهن پطرس کي عيسيٰ جي چيل ڳالهہ ياد اچي
ويئي تہ ”ڪڪڙ جي بہ دفعا ٻانگ ڏيڻ کان اڳ ۾
تون ٽي دفعا مون کي سڃاڻڻ کان انڪار ڪندين.“
اهو خيال ايندي ئي هو اچي روئڻ ۾ ڇتڪيو.

## عيسيٰ پلاطس جي اڳيان

(متي 27:1-2،11-14، لوقا 23:1-5، يوحنا 18:28-38)

15 1 صبح ٿيندي ئي سردار ڪاهن شريعت
جي عالمن ۽ يهودي ڪائونسل جي ٻين
سيني چڱن مڙسن سان اچي مليا ۽ پاڻ ۾ صلاح
مشورو ڪري عيسيٰ کي ٻڌي وٺي وڃي رومي گورنر
پلاطس جي حوالي ڪيائون. 2 پلاطس ڪانئس پڇيو تہ
”ڇا تون يهودين جو بادشاهہ آهين؟“ عيسيٰ جواب
ڏنو تہ ”اهو تہ اوهين پاڻ ٿا چئو.“ 3 اتي سردار
ڪاهن عيسيٰ تي گهڻيون ئي تهمتون هڻندا رهيا.
4 تنهنڪري پلاطس ڪانئس وري پڇيو تہ ”ڇا تون
ڪجهہ بہ نہ چوندين؟ ڏس، هنن تو تي ڪيتريون
تهمتون مڙهيون آهن.“ 5 پر عيسيٰ وري بہ هڪ لفظ
نہ ڳالهايو. تنهن تي پلاطس ڏاڍو حيران ٿي ويو.

## عيسيٰ لاءِ موت جي سزا جو حڪم

(متي 27:15-26، لوقا 23:13-25، يوحنا 18:39–19:16)

6 پلاطس هر عيد فصح جي موقعي تي هڪ قيدي
آزاد ڪندو هو، جنهن جي لاءِ رعيت چوندي هيس.
7 انهن ڏينهن ۾ برابا نالي هڪ ماڻهو جيل ۾ ٻين
باغين سان گڏ هو جن هڪڙي فساد ۾ خون ڪيو
هو. 8 جڏهن خلق اچي گڏ ٿي ۽ دستور موجب پلاطس
کان مروت گهريائون، 9 تڏهن هن انهن کان پڇيو تہ
”ڇا اوهين چاهيو ٿا تہ آءٌ اوهان جي خاطر يهودين
جي بادشاهہ کي آزاد ڪريان؟“ 10 ڇاڪاڻتہ هن
ڄاتو پئي تہ ”سردار ڪاهنن حسد کان عيسيٰ کي
قيد ڪري مون وٽ آندو آهي.“ 11 پر خلق سردار
ڪاهنن جي دٻاءُ تي پلاطس کي چيو تہ هو عيسيٰ جي
بدران برابا کي آزاد ڪري. 12 پلاطس وري بہ ورجائي
پڇين تہ ”پر جنهن کي اوهين يهودين جو بادشاهہ
ٿا سڏيو، تنهن کي آءٌ ڇا ڪريان؟“ 13 تنهن تي
انهن رڙيون ڪري چيو تہ ”صليب تي چاڙهيوس.“
14 تڏهن پلاطس پڇين تہ ”ڇو، هن ڪهڙو ڏوهہ
ڪيو آهي؟“ پر هنن وٺي وڏيون رڙيون ڪيون تہ
”صليب تي چاڙهيوس.“

15 جيئن تہ پلاطس ماڻهن کي راضي رکڻ ٿي
گهريو، سو هن برابا کي انهن جي خاطر آزاد ڪري
ڇڏيو ۽ عيسيٰ کي ڪوڙا هڻائڻ کان پوءِ سپاهين جي
حوالي ڪيائين تہ ”وڃي صليب تي چاڙهي ڪوڪا
هڻوس.“

## سپاهين جو عيسيٰ تي ٺٺوليون ڪرڻ

(متي 27:27-31، يوحنا 19:2-3)

16 سپاهي عيسيٰ کي گورنر جي محلات جي اڱڻ
۾ وٺي آيا ۽ پنهنجن ٻين ساٿين کي به سڏيائون.
17 انهن عيسيٰ کي واڱڻائي رنگ جو جبو ڍڪايو ۽
ڪنڊن جو هڪڙو تاج ٺاهي مٿي تي رکيائونس. 18 پوءِ
چوڻ لڳس ته ”سلام، اي يهودين جا بادشاهه!“
19 ائين چوندي هو ڪيس مٿي تي لٺ سان ڌڪ هڻندا
رهيا، ٿڪون هڻندا رهيا ۽ گوڏن ڀر ويهي سندس آڏو
سجدو ڪندا رهيا. 20 جڏهن هو ٺٺوليون ڪري چڪا
تڏهن واڱڻائي جبو لهرائي وري ساڳيا پنهنجا ڪپڙا
ڍڪايائونس. پوءِ اُهي ڪيس ٻاهر وٺي آيا ته جيئن
صليب تي چاڙهي ڪوڪا هڻنس.

## صليب تي عيسيٰ کي ڪوڪا هڻڻ

(متي 27:32-44، لوقا 23:26-43، يوحنا 19:17-27)

21 رستي تي انهن کي شمعون نالي هڪڙو ماڻهو
مليو، جيڪو ٻهراڙيءَ کان شهر ڏانهن اچي رهيو هو.
هو ڪريني شهر جو رهاڪو هو ۽ سڪندر ۽ روفس
جو پيءُ هو. سپاهي انهيءَ تي زور رکي ڪيس عيسيٰ
جو صليب کڻائي هليا. 22 پوءِ اُهي عيسيٰ کي گُلگُتا
نالي هڪڙي جاءِ تي وٺي آيا، جنهن جي معنيٰ آهي
”کوپريءَ جي جاءِ.“ 23 هنن عيسيٰ کي اهڙي مئي
پيارڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن ۾ مُرَ نالي نشيدار
شيءِ گڏيل هئي، پر هن اُها نه پيتي. 24 پوءِ هنن
ڪيس صليب تي چاڙهي ڪوڪا هنيا ۽ سندس ڪپڙا
پاڻ ۾ ورهائڻ لاءِ پُڪا وڌائون. 25 اهو صبح جو اٽڪل
نائين بجي جو وقت هو جڏهن انهن ڪيس صليب تي
چاڙهيو. 26 پوءِ انهن سپاهين هن جي مٿان هڪڙي
تختي هنئي جنهن تي اهو الزام لکيائون ته ”هي آهي
يهودين جو بادشاهه.“ 27-28 انهن ٻه ٻيا به ماڻهو
صليب تي چاڙهيا جيڪي ڌاڙيل هئا، انهن مان هڪڙو
سندس ساڄي ۽ ٻيو سندس کاٻي پاسي هو.[t]
29 جيڪي ماڻهو اتان لنگهي پيا، سي پنهنجا ڪنڌ
ڌوڻي ٺٺوليون ڪري عيسيٰ کي چون پيا ته ”واه واه!
اهو تون ئي آهين نه، جيڪو ٽن ڏينهن ۾ هيڪل
ڊاهين ۽ وري ٺاهين پيو. 30 هاڻي پاڻ کي بچائي
صليب تان هيٺ ته لهي ڏيکار.“ 31 ساڳيءَ طرح
سردار ڪاهن ۽ شريعت جا عالم عيسيٰ تي ٺٺوليون
ڪرڻ لڳا ۽ هڪٻئي کي چون پيا ته ”هي ته ٻين
کي پيو ڇڏائي، پر هاڻي ته پاڻ کي به نه ٿو بچائي
سگهي. 32 هاڻي ڏسون ته هي مسيح، بني اسرائيل
جو بادشاهه، ڪيئن ٿو صليب تان هيٺ لهي اچي،
ته پوءِ اسين به ٿا مٿس ايمان آڻيون.“ عيسيٰ سان
گڏ جيڪي ماڻهو صليب تي چڙهيل هئا، تن به مٿس
ٺٺوليون پئي ڪيون.

## عيسيٰ جي وفات

(متي 27:45-56، لوقا 23:44-49، يوحنا 19:28-30)

33 منجهند جو سڄي ملڪ ۾ اونداهي ڇانئجي
ويئي، جيڪا اٽڪل ٽين بجي تائين رهي. 34 ٽين بجي
ڌاري عيسيٰ وڏي آواز سان رڙ ڪري چيو ته [u]”الوئي،
الوئي، لما سبختني؟“ جنهن جي معنيٰ آهي ته

---

[t] ڪن ترجمن ۾ هي به شامل آهي: ”اهڙيءَ طرح اها پاڪ لکت سچي ثابت ٿي ته ’هو گنهگارن ۾ ليکيو ويندو‘“ (ڏسو لوقا 22:37).

[u] ”الوئي، الوئي، لما سبختني؟“: هي ارامي ٻوليءَ جا لفظ آهن.

21:15 رو 13:16   24:15 زب 18:22   28:15 يس 12:53

29:15 زب 7:22، 25:109، مر 58:14، يو 19:2   34:15 زب 1:22

"منهنجا خدا! اي منهنجا خدا! تو مون کي ڇو ڇڏي ڏنو آهي؟" 35 جيڪي ماڻهو اُتي بيٺا هئا تن مان ڪي سندس اهي لفظ ٻڌي چوڻ لڳا ته "ڏسو، هو الياس نبيءَ کي سڏي رهيو آهي." 36 انهن مان هڪڙو ماڻهو ڀڳو ۽ فوم جهڙي هڪ شيءِ کڻي آيو، جيڪا سادي مئي سان ڀري لڪڙي جي چوٽيءَ تي ٻڌي عيسيٰ کي پيئڻ لاءِ ڏنائين ۽ چيائين ته "ڇڏي ڏيوس، ڏسون ته الياس هن کي صليب تان هيٺ لاهڻ لاءِ اچي ٿو يا نه."

37 پوءِ عيسيٰ وڏي رڙ ڪندي دم ڏنو.

38 تڏهن هيڪل جو مقدس ترين جاءِ وارو پردو مٿي کان وٺي هيٺ تائين ٻن حصن ۾ چيرجي ويو. 39 فوجي صوبيدار جيڪو صليب جي اڳيان بيٺو هو تنهن عيسيٰ کي ائين دم ڏيندي ڏسي چيو ته "سچپچ ته هي ماڻهو خدا جو فرزند هو."

40 اُتي ڪي عورتون به هيون، جيڪي پري کان ڏسي رهيون هيون. انهن ۾ مريم مگدليني، ننڍي يعقوب ۽ يوسف جي ماءُ مريم ۽ سلومي پڻ شامل هيون. 41 جڏهن عيسيٰ گليل ۾ هو تڏهن اهي سندس پٺيان لڳي هن جي خدمت ڪنديون ٿي رهيون. ٻيون به ڪيتريون ئي عورتون هيون جيڪي هن سان گڏ يروشلم ۾ آيون هيون.

## عيسيٰ جو ڪفن دفن

(متي 27:57-61، لوقا 23:50-56، يوحنا 19:38-42)

42 شام ٿي چڪي هئي ۽ اها شام سبت جي ڏينهن کان اڳئين تياريءَ[v] جي ڏينهن جي هئي. 43 تڏهن يوسف نالي ارمتيا جو هڪ شخص، جيڪو يهودي ڪائونسل جو هڪ معزز ميمبر هو ۽ پاڻ خدا جي بادشاهيءَ جو طلبگار هو، سو همت ڪري پلاطس جي درٻار ۾ ويو ۽ عرض ڪري ڪانئس عيسيٰ جو لاش گهريائين. 44 پلاطس کي حيرت وٺي ويئي ته عيسيٰ ايترو جلد ڪيئن مري ويو. هن هڪ فوجي صوبيدار کي گهرائي ڪانئس پڇيو ته "ڇا عيسيٰ ايترو جلدي مري چڪو آهي؟" 45 جڏهن صوبيدار ڪيس اهڙي خاطري ڏياري، تڏهن پلاطس يوسف کي لاش کڻي وڃڻ جي اجازت ڏني. 46 پوءِ يوسف اُڇو ڪفن خريد ڪيو ۽ عيسيٰ جي لاش کي لهرائي اُن ۾ ويڙهيائين ۽ اهو ٽڪر ۾ غار نموني کوٽيل هڪڙي قبر ۾ آڻي رکيائين. پوءِ هڪڙو وڏو پٿر ريڙهي ان قبر جي منهن تي ڏنائين. 47 مريم مگدليني ۽ يوسف جي ماءُ مريم اهو هنڌ ڏٺو پئي جتي لاش کي رکيو ٿي ويو.

## عيسيٰ جو وري جيئرو ٿيڻ

(متي 28:1-8، لوقا 24:1-12، يوحنا 20:1-10)

16
1 سبت جي ڏينهن پوري ٿيڻ تي سج لهڻ کان پوءِ مريم مگدليني، يعقوب جي ماءُ مريم ۽ سلوميءَ خوشبودار شيون خريد ڪيون ته جيئن عيسيٰ جي لاش کي هڻن. 2 پوءِ آچر جي ڏينهن صبح جو سوير سج اڀرڻ مهل اهي قبر تي اچي پهتيون. 3 رستي تي اهي پاڻ ۾ چونديون ٿي آيون ته "اسان لاءِ قبر جي منهن تان پٿر ڪير هٽائيندو؟" 4 ڇالاءِجو اهو پٿر تمام وڏو هو. پر جڏهن اتي اچي پهتيون ته ڇا ڏسن ته اهو پٿر ته اڳي ئي رڙهيو پيو آهي. 5 جڏهن اهي قبر جي اندر گهڙيون ته اڇي پوشاڪ پاتل هڪ نوجوان کي ساڄي پاسي ويٺل ڏسي نهايت حيران ٿي

[v]تياريءَ جي ڏينهن: هن مان مراد سبت يا ڪنهن عيد جي ڏينهن کان اڳ وارو ڏينهن آهي. ان ڏينهن يهودي کاڌو وغيره تيار ڪندا هئا، ڇوته ٻئي ڏينهن سبت يعني آرام جو يا وڏو ڏينهن هوندو هو. انهيءَ دور ۾ ٻئي ڏينهن جي شروعات سج لهڻ کان ئي ٿيندي هئي.

15:36 زب 69:21   15:38 خر 26:31-33   15:40-41 لو 8:2-3

ويون. 6 تنهن تي انهيءَ نوجوان چين تہ ”حيران نہ
ٿيو. اوهين عيسيٰ ناصريءَ کي ڳوليو ٿيون پيون نہ،
جيڪو صليب تي چاڙهيو ويو هو؟ هو هتي ڪونهي
ڇالاءِجو هو وري جيئرو ٿي ويو آهي. ڏسو، هيءَ
اها جاءِ آهي جتي سندس لاش کي آڻي رکيو هئائون.
7 پر اوهين وڃو ۽ وڃي پطرس سميت عيسيٰ جي ٻين
شاگردن کي چئو تہ ’عيسيٰ اوهان کان اڳي ئي گليل
ڏانهن وڃي رهيو آهي. اوهين هن کي اتي ڏسندا،
جيئن هن پاڻ اوهان کي ٻڌايو هو.‘“ 8 تڏهن اهي
قبر کان ٻاهر نڪري وٺي ڀڄيون ۽ جيئن تہ ڏپ وچان
ڪين ڏڪڻي ۽ دهشت وٺي ويئي هئي، سو انهن ڪنهن
سان بہ نہ ڳالهايو.

## مريم مگدلينيءَ کي ڏيکاري ڏيڻ

(متي 28:9-10، يوحنا 20:11-18)

9 عيسيٰ آچر ڏينهن صبح جو سوير جيئري ٿيڻ کان
پوءِ سڀني کان پهريائين مريم مگدلينيءَ کي ڏيکاري
ڏني، جنهن مان هن ست ڀوت ڪڍيا هئا. 10 تڏهن
هن وڃي عيسيٰ جي ساٿين کي اها ڳالهہ ٻڌائي،
جيڪي سوڳ ڪندي روئن پيا. 11 جڏهن هنن ٻڌو تہ
عيسيٰ جيئرو ٿي اٿيو آهي ۽ مريم پاڻ ان کي ڏٺو آهي،
تڏهن بہ اهي مٿس اعتبار ئي نہ پيا ڪن.

## ٻن شاگردن کي ڏيکاري ڏيڻ

(لوقا 24:13-35)

12 انهيءَ کان پوءِ عيسيٰ ٻئي صورت ۾ شاگردن
مان ٻن ڄڻن کي ڏيکاري ڏني، جيڪي رستو وٺيو
ٻهراڙيءَ ڏانهن پئي ويا. 13 تڏهن اهي اتان ئي يروشلم
ڏانهن موٽي آيا ۽ اها ڳالهہ ٻين شاگردن کي بہ اچي
ٻڌايائون. پر انهن جي ڳالهہ تي بہ هنن اعتبار نہ
ڪيو.

## يارهن شاگردن کي ڏيکاري ڏيڻ

(متي 28:16-20، لوقا 24:36-49، يوحنا
20:19-23، رسولن جا ڪم 1:6-8)

14 آخر ۾ عيسيٰ يارهن شاگردن کي ان وقت
ڏيکاري ڏني جڏهن هو گڏجي ماني کائي رهيا هئا.
هن سندن ايمان جي گهٽتائيءَ ۽ سختدليءَ سبب ڪين
ڇنڀيو، ڇاڪاڻتہ ڪين انهن تي يقين ئي نہ پئي آيو
جن هن کي جيئرو ٿي اٿڻ کان پوءِ ڏٺو هو. 15 پوءِ
هن پنهنجي شاگردن کي چيو تہ ”اوهين سڄيءَ دنيا
۾ وڃي پوري انسانذات ۾ خدا جي بادشاهيءَ جي
خوشخبريءَ جي منادي ڪريو. 16 جيڪو بہ انهيءَ
تي ايمان آڻيندو ۽ بپتسما وٺندو سو ڇوٽڪارو حاصل
ڪندو، پر جيڪو ايمان نہ آڻيندو سو ڏوهي ٺهرايو
ويندو. 17 جيڪي ايمان آڻيندا، تن ۾ قدرت جون
هي نشانيون هونديون جو اهي منهنجي نالي تي
ماڻهن مان ڀوت ڪڍندا ۽ مختلف قسمن جون ٻوليون
ڳالهائيندا. 18 جيڪڏهن اهي نانگ جهليندا يا زهر
پيئندا تہ بہ انهن کي ڪو نقصان نہ پهچندو. هو
بيمارن کي هٿ لائيندا تہ اهي ڇڱا ڀلا ٿي پوندا.“

## عيسيٰ جو آسمان ڏانهن کڄي وڃڻ

(لوقا 24:50-53، رسولن جا ڪم 1:9-11)

19 انهن سان ڳالهائڻ کان پوءِ خداوند عيسيٰ
آسمان ڏانهن کڄي ويو ۽ خدا جي ساڄي پاسي وڃي
ويٺو. 20 پوءِ شاگردن وڃي هر هنڌ خوشخبريءَ جي
تبليغ ڪئي. انهن جي ڪم ۾ خداوند عيسيٰ ساڻن گڏ
هو ۽ قدرت جي نشانين سان سندن تبليغ کي سچو
ثابت ڪري ٿي ڏيکاريائين.

---

7:16 مت 26:32، مر 14:28 15:16 رس 1:8 19:16 رس 1:9-11